گُل گُلستان جا



وشيه سوچي

ٻه اکر

سنت مالا جو هي ڊبل نمبر ، مارچ - اپريل ١٩٩٢ جو "گل گلستان جا" هينئر پرڪاش ٿئي ٿو.

هن پستڪ جو نالو آهي "گل گلستان جا". هيءَ پستڪ خاص شاگردن ۽ ننڍيءَ ٿهيءَ وارن واسطي آهي. هڪ دفعي پياري دادا چيو ته سنڌي قوم وڃي ٿي پڇندي، پرندي. جيڪڏهين سنڌي قوم وري نئين ٿيٽي آهي، جيڪڏهين سنڌي قوم ۾ وري نئون اُتساهه اچڻو آهي ته اُهو ايندو ٻالڪن، ٻالڪين دئاران. اِن ڪري ٻالڪن ٻالڪين کي نئين وديا ڏيو ۽ نئين وديا آهي بنياد نوَجيون جو.

هڪ دفعي پياري دادا پنهنجي اُپديش ۾ چيو هن طرح :-

"ننڍا ٻالڪ آهن قوم جو، ملڪ جو، سچو خزانو. ڪيترا سال اڳي جرمني ڪريل هئي ۽ جرمنيءَ جا ماڻهو دلگير ٿي پيا : ڪن چيو :- 'ڪئن وري اسان جو ملڪ چڙهندو ؟' اُن وقت هڪ جاڳيو جنهن جو نالو اوهان نه ٻڌو آهي،- فشٽي (Fichte). هيءَ هڪ مهاپرش ٿي گذريو آهي! هڪ ڪتاب هن لکيو آهي جنهن جو نالو آهي :- Address to the German People اُن ۾ هيءَ جرمن رشي پنهنجا ويچار ظاهر ڪري ٿو ته ڪيئن ملڪ وري چڙهي؟ اِهو مهاپرش گشت تي نڪتو ته ڏسان ٻين ملڪن جي حالت ڪهڙي آهي ۽ اُنهن مان سبق سکان. سئٽزرلنڊ (Switzerland) ملڪ ۾ اچي ٿو. ڏسي ٿو ته اُتي جا ماڻهو خوش آهن : سبب ڇا ؟ اهو سوال پاڻ کان پڇي

ڪٽي پياري دادا ميران اسڪول جو پايو وڌو. اِڪ درشن پياري دادا جي نيٽن ۾ هو. هُو پياري دادا وري وري چيو تہ "سچو اِسڪول سو جنهن ۾ شاگردن کي سيکاريو وڃي تہ هوُ هلن رشين جي راهہ ۾." خاص ڪري پياري دادا چئن ڳالهين تي زور ڏنو :-

١. پهرين ڳالهہ، جنهن تي پياري دادا زور ڏنو سا هئي پوترتا. اِن ڪري پياري دادا چيو تہ پنهنجو سرير پوتر رکو. "سرير،" پياري دادا چيو اٿو "ڪنيِ". "شريرم برهم مندرم." شرير آهي برهم جو مندر. اِن ڪري سرير کي پوتر رکو، نرمل رکو. هُو جو پوتر رهي ٿو، برهم چريہ ۾ رهي ٿو، اُهو هڪ وڏي شڪتي پنهنجي اندر ڪولي ٿو. هڪ موقعي تي پياري دادا چيو :-

"چون ٿا ولايت ۾ هڪ' سائنس ودوان هڪ ڪرڻو (ray) ڳولي ڪڍيو آهي، جنهن جو نالو death ray. مان جيڪر ڪوٺيان 'يسم ڪرڻو.' اِهو ڪرڻو وڃ وانگر جي ڪنهن بہ عمارت يا اِنسان تي ڪري تہ يڪدم يسم ٿي وڃي." پيارو دادا چوي ٿو :- "پر اسان جي پراچين رشين هڪ ٻيو ڪرڻو ڳولي ڪڍيو،- جيون ڪرڻو. اِن جو نالو آهي برهم چريہ. برهم چريہ هڪ جيون ٻوٽي آهي." هُو بلند آواز ۾ پيارو دادا چوي ٿو.- "منهنجو پيغام، نوجوانو ! توهان کي هيءَ آهي تہ عيش عشرت ۾ اٿوَ موت جو ڏنگ. پنهنجي سرير کي نرمل، پوتر رکو. اِن ڪري سادا ٿيو،- کاڌي پيتي ۾، لٽي لباس ۾، روز بروز جي رهڻيءَ ۾ سادا ٿيو هُو پنهنجي زندگي تپسيا ۾ هڏو."

٢. تپسيا هڪ ڏاڪڻ آهي جنهن جو پهريون ئي پهريون

ٿو.

"هڪ ڏينهن اُن ملڪ جي هڪ اِسڪول ۾ وڃي ٿو. ڏسي ٿو تہ اِسڪول جا ٻالڪ ٻالڪيون سڀ خوش آهن. اُن اِسڪول جو پرنسيپال هو پيسٽلوزي (Pestalozzi)، جنهن اِهو اِسڪول جاري ڪيو. اُن اِسڪول ۾ ڪيترا ٻالڪ ۽ ڪيتريون ٻالڪيون تن جي وچ ۾ هي ماستر ويٺو آهي! ڪهڙو نہ عجيب ماڻهو آهي پيسٽلوزي! هنن جي وچ ۾ ويٺو آهي، ڳالهيون پيو ٻڌائين ۽ ٻالڪ بہ پيا آکاڻيون ٻڌائين. ڪا ٽولي ٻالڪن جي ڪيئن رڌل آهہ تہ ڪا ڪيئن! سڄو اِسڪول ڀانئي ٿو تہ گهر آهہ. گهر جو پيار اِسڪول جي وايومنڊل ۾ آهہ! اسان جا ڪيترا اِسڪول جڻ تہ جيل آهن! فشٽي پيسٽلوزيءَ کان پڇي ٿو تہ 'اوهان هن اِسڪول ۾ اهڙو سندر وايومنڊل ڪئن آندو آهہ؟' جواب ملي ٿو تہ 'اسين ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا!'

"فشٽي موٽي ٿو جرمنيءَ ۾: ۽ ٻڌائيٿو تہ 'ٻالڪن کي سکي رکڻ آهي ملڪ کي سکي رکڻ!'"

پياري دادا بہ اِها سکيا ڏني تہ سچي وديا آهي ٻالڪن ٻالڪين کي سکي رکڻ ۽ کين نوجيون رهڻ لاءِ اُتساهڪ ڪرڻ. اِن لاءِ پياري دادا ڪيڏا نہ ڪشالا ڪيا. پيارو دادا اجان حيدرآباد ۾ ڪين آيو هو، تنهن کان اڳہ ۾ پياري دادا راجپور (ديرادون) ۾ هڪ آشرم کوليو، جنهن کي ڪوٺيائين "شڪتي آشرم". ڪئن نہ ڀارت جي جدا جدا پرانتن مان، نہ رڳو ننڍا جوان، پر ڪيترا وڏا ڀائر بہ دادا جي چرنن ۾ ويهي سکيا وٺندا هئا. پياري دادا جي اکين ۾ هڪ سپنو هو تہ سنڌي ٻالڪن ٻالڪين کي نئين وديا ملڻ کپي. اِن وديا جو سپنو اکين ۾

نشاني آهي، چاڪاڻ تہ وڪاش واد ڏيکاري ٿو تہ ڪئن نہ درجي بہ درجي ننڍي اوستا کان وڏيءَ اوستا تائين واڌارو پيو ٿئي. هيل تائين سائنس جيڪي نہ ڳولي ڪڍيو آهي، تنهن مان هي ثابت ٿئي ٿو تہ هن سرشٽيءَ ۾ هڪ چيتن شڪتي آهي. اِنهيءَ جيون جاڳرت شڪتيءَ جو اِنڪار ڪرڻ ۽ چوڻ تہ ايشور آهي ئي ڪونہ، اِها ڪا وديا جي نشاني ڪانهي."

اِن ڪري پياري دادا چيو شاگردن کي تہ "جي اوهين اِن چيتن شڪتيءَ سان سنبنڌ رکڻ ٿا چاهيو تہ هڪ ساڌن هي اَٿو تہ پنهنجي جيون پرارٿنا ۾ ٻڌو. جئن سرير لاءِ کاڌو ضروري آهي، تئن آتما جو کاڌو آهي پرارٿنا."

۴. جو شاگرد پنهنجي جيون پوترتا، سادگي ۽ پرارٿنا ۾ ٻڌي ٿو، اُن کي پيارو دادا ائين نہ ٿو چوي تہ تون وديا وٺي وڃي اُها وديا پاڻ وٽ ڪٺي ڪر، پر چويس ٿو تہ وديا وٺي، پيارا ٻالڪ! اڄ شيوا جي ميدان ۾. قوم کي، پنگت کي سچن شيوڪن جي ضرورت آهي. اِن ڪري اڄ شيوا جي ميدان ۾. ۽ شيوا جو ميدان ڪو گلن ڦلن سان چانيل ڪين آهي. شيوا جي ميدان ۾ توکي لٺيون لڳنديون، مڪون ملنديون. پر پيارا! توکي نشڪام ٿي شيوا ڪرڻي آهي. اِن ڪري پياري دادا وري وري چيو تہ "سچي شيوا جي نشاني آهي قرباني."

وديا جو آدرش پياري دادا تنهن ڪري هنن چئن اکرن ۾ رکيو :- ١. پوترتا، ٢. سادگي، ٣. پرارٿنا، ۽ ۴. شيوا.

هيءُ پستڪ جو خاص شاگردن لاءِ آهي، اُن ۾ ڪيتريون ئي آکاڻيون، تصويرن جي روپ ۾ ڏنل آهن. هڪ هڪ ڳالهہ سندر تصوير آهي، جنهن ۾ سچي جيون، نوجيون جي سکيا سمايل آهي. شل اِنهن تصويرن جو شاگرد ۽ اسان مان ڪي

ڏاکو آهي سادگي. ان کري ٻيو آدرش، جو پياري دادا شاگردن کي ڏنو، سو آهي سادگي. پوترتا جو بنياد آهي سادگي. جيستائين جيون ۾ سادگيءَ جي رهڻي نہ آئي آهي، تيستائين جيون ڪئن کلي؟ اڄڪلهہ افسوس! ننڍيءَ ٿهيءَ وارا، نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪيترو وقت نہ فئشن پرستيءَ ۾ وڃائين ٿا. جي سنڌي قوم نئين ٿيڻي آهي تہ سنڌي قوم کي کپن اُهي جي پنهنجي جيون ٻڌن سادگيءَ ۾!

٣. ٽيون آدرش جو پياري دادا وديارٿيءَ اڳيان رکيو سو آهہ پرارٿنا. اڄڪلهہ ناستڪ پڻي جي لهر وڃي ٿي وڌندي. هرهنڌان ائين پيو ٻڌڻ ۾ اچي تہ "پريو ڪٿي آهي؟" پيارو دادا وري پراچين رشين جو آواز هن زماني ۾ اُٿاري ٿو. "هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي،" ائين پياري دادا هڪ دفعي چيو تہ "ڪيلون (Kelvin) ۽ ليبڪ (Leibig) گڏ پئي گهميا. ليبڪ هڪ وڏو سائنس جو ودوان هو. گهمندي گهمندي ڪيلون سوال پڇيو:- 'توهان جو خيال آهي ڇا تہ هيءَ سندر گاهہ ۽ ڦل پاڻيهي ٿا اُپرن؟' تڏهن ليبڪ چوي ٿو تہ 'سائنس يا وديا جو ڪوبہ ڪتاب پاڻيهي نٿو ڇپجي سگهي ۽ نڪي ڪي هي سندر گاهہ، گل ڦل سرشٽيءَ ۾ پاڻيهي اُپري سگهن ٿا. چيتن شڪتيءَ بنا نٿا اُپري سگهن.'

اڄڪلهہ ڪيترا منهنجا ناستڪ متر چون ٿا "وڪاش واد" (evolution). پر وڪاش واد فقط ڏيکاري ٿو سرشٽيءَ جو نيم قانون، جو آهي نشاني چيتن شڪتيءَ جي. جي اهڙي شڪتي نہ هجي تہ نيم چڪر ڪئن هلي؟

سر آليور لاج سائنس جو هڪ ٻيو نيتا هڪ هنڌ چوي ٿو:- 'وڪاش واد (evolution) تہ پاڻ هڪ وڏي اُميد جي

(۱)

گل گلستان جا

ڪھڙو نہ سندر گيت توھان ڳايو :- "گل گلستان جا اسين آھيون!" ڪڏھن پاڻ کان اِھو سوال پڇيو اٿو تہ اُھو باغ گلستان ڪٿي آھي؟ سکر ۾ آھي يا حيدرآباد ۾؟ سنڌ ۾ يا ڪنھن ٻئي ھنڌ؟ ھند ۾، ڪين ھندستان کان ٻاھر، پري ڪنھن ولايت ۾ آھي؟ مونکي ڪو ٻڌائي سگھندو تہ اُھو چمن ڪٿي پيو چمڪي؟ مٿي آسمان ۾ نھاريو! اُن "گلستان" جو ٻيو نالو اٿو "آسمان". اُتي چمڪن ٿا گل جن کي اسين چئون تارا! اوھانجو ٻيو نالو آھہ "تارا". اسين سڀيئي آھيون تارا. شل اوھين سڀيئي سندر تارن وانگر چمڪو!

ودیا جو مطلب ڪھڙو آھي؟ ۱۹ صديءَ ۾، انگلنڊ ۾، ٻہ مشھور شاعر ٿي گذريا آھن. ھڪ جو نالو ٽينيسن (Tennyson)، ۽ ٻئي جو برائوننگ (Browning). ٻنھي ڏاڍا سندر گيت لکيا آھن. برائوننگ جا وار ڪھڙا نہ سھڻا ھئا! سندس فوٽو ڏسو تہ جڻڪ سندس مٿان گھنڊيدار وارن جو چٽ آھي. ھن ڪيترائي سندر گيت ۽ کيل لکيا آھن. ھنجون ڳالھيون جي توھانکي ٻڌايان تہ جيڪر توھانجي اکين ۾ پاڻي اچي وڃي. ڪوي برائوننگ ھڪ ڊراما، کيل ۾ لکي ٿو :-

"Know not for knowing's sake,
But to be a star to man for ever."

اُنھن ٻن سٽن ۾ آھہ وديا جو آدرش. وديا وٽ پيارا! نہ

ڏيان ڪن! شل اِنهن تصويرن جي سڪيا، جا آهي پراچين رشين جي سڪيا، نوجيون جي سڪيا، اسان مان ڪن جي دلين اندر گهڙي وڃي، ۽ جي ڪي ٿورائي انهن آدرشن تي هلڻ جي ڪوشش ڪن ۽ پنهنجي جيون ۾ اِنهن آدرشن جي ساکي ڏين تہ داس سمجهي ٿو تہ اُهو ڏينهن پري ڪونهي جڏهن پياري دادا جو سپنو سچيءَ وديا بابت سڦل ٿئي! سنڌي قوم، جا هن وقت ستل آهي، وڃايل آهي، سا وري اُٿندي، نوبنو ٿيندي، نئين شڪتيءَ ۾ چمڪندي، جڏهن ڪي نہ ڪي شاگرد اَهڙا اُٿندا جي انهن آدرشن جي ٿوري ڪچ ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيندا!

پونا - ۱، آتما واسواڻي

پڇ تہ پوءِ توکي خبر پوندي تہ تون سچي ودیا ونين ٿو يا نہ؟ پاڻ کان هي سوال پڇ تہ مان ننڍڙا ننڍڙا ڪم ڪريان ٿو تہ ڏهن مونکي خوشي ٿئي ٿي يا نہ؟" توهين بہ مون کي ٻڌايو تہ توهان کي جيڪر ننڍن ننڍن ڪمن ڪرڻ مان خوشي ٿئي؟ توهين روز روز راڳہ ڳايو ٿا، راڳہ ٻڌو ٿا، ڪيڏي نہ خوشي اوهان کي ٿئي ٿي! باسڻ ڌوئڻ ۾ اوهان کي جيڪر ايڏي خوشي ٿئي؟ هڪ ڇوڪريءَ کي چيو ويو تہ "ٿالهي تہ ڌوئي اچ." منهن ۾ اچي موڙو ٿيس. چيائين تہ "مان انگريزي پڙهيل، مان ٿي اِهو ڪم ڪريان؟" ٻيءَ ڇوڪريءَ کي ماتا چيو :- "ڪچڻي تہ چاڙهہ!" ڇوڪريءَ چيو تہ "مان ٿي رنڌڻي ۾ وڃان! گرمي آهي! مان شيڪسپيئر پڙهي آهيان." انهيءَ کي وديا نہ چئبو. ولايت ۾ ڪروڙپتي آهن (multi - millionaires) ، تن جون ڌيئرون بہ رڌڻ سکن ٿيون. اُنهن کي رڌڻ ۾ خوشي ٿئي ٿي. پر سنڌي ڇوڪريون جڏن وڏيڪ پڙهن ٿيون وڏيڪ هٿ جي ڪم کان موڙا ڏين. چون تہ "رنڌڻي جو ڪم تہ اسان کان پڇيئي ڪونہ!" هارمونيم وڄيون وڃائين!

مان لنڊن شهر ۾ هوس. اُتي هڪ ڏينهن مونکي هڪ لڪاپٽي استريءَ وٽان ٽپال ۾ خط آيو. اِها مندم مونکي سڃاڻندي هئي. هوءَ پنهنجي ڌيءَ سان گڏ هندستان ۾ سئر ڪرڻ آئي هئي. اِها شاهوڪار استري يارڪ (York) شهر ۾ رهندي هئي. مونکي خط ۾ لکيائين تہ "تون لنڊن ۾ آهين. انجام ياد ڪر! منهنجي گهر ضرور اچ!" مون کيس انجام ڪيو هو تہ جي ولايت آيس تہ سندس گهر کيس ضرور گڏبس. هڪ ڏينهن اوچتائي يارڪ ۾ کيس ملڻ ويس. اسٽيشن تي ڏسان تہ هيءَ استري ۽ سندس ڇوڪري بيٺيون آهن. ٻئي مون کي وٺي

فقط ودیا جي واسطي، پر ودیا وٽ اُنهيءَ واسطي تہ تون هڪ چمڪندڙ تارو ٿين ماڻهن جي واسطي.- هڪ روشن تارو ٿي پوين! بيشڪ اوهين آهيو گل، جي آسمان ۾ چمڪن ٿا. تن گلن جو ٻيو نالو آهہ تارا. ٿل اوهين تارن وانگر چمڪو! سچو شاگرد سو جو تاري وانگر چمڪي! اڄ شاگردن جي، خاص ڪري ڇوڪرين جي حالت ڪهڙي آهي؟ ڪپڙا ڪهڙا ٿيون پائين؟ ڪئن ٿيون هلن؟ مان چوندو آهيان تہ اُهي تہ آهن پوپٽيون. توهين پوپٽيون نہ ٿيو ، پر تارا ٿيو.

Be not like butterflies, but be like the stars.

استريءَ جو ڪيڏو نہ اثر ٿو ٿئي! جي استري ٿي پوي پوپٽي تہ اُنجو اثر پتيءَ تي چڱو نٿو ٿئي، پر جي ٿئي تارو تہ پتيءَ جي شيوا ڪري ڪيس سڪي رکي ۽ ٻنهي جي آتم شڪتي کلي! تنهنڪري ودیا وٺو انهيءَ واسطي تہ توهين ٿيو چمڪندڙ تارا! تارن وانگر ڪئن ٿجي؟ جڏهن ۴ گڻ چمڪن :- ۱. پهريون گڻ آهہ سادگي، ۲. ٻيو گڻ پوترتا ، ۳. ٽيون گڻ پرارٿنا ، ۽ ۴. چوٿون گڻ شيوا. جڏهن اِهي چار گڻ ڪنهن بہ شاگرد ۾ ٿا چمڪن ، تڏهن اُهو ٿي پوي ٿو چمڪندڙ تارو! اوهين بہ تارا ٿيو ، جي پنهنجي جيون ۾ اِهي چار گڻ ڌاريو.

آميريڪا ۾ هڪ وڏي يونيورسٽي آهي، اُنکي چون "يونيورسٽي آف چڪاگو". اُتي هڪ وڏو پروفيسر هو. هڪ ڏينهن هن پروفيسر وٽ هڪ شاگرد اچي ٿو ۽ ڪانئس سوال پڇي ٿو تہ "سائين! مونکي خبر ڪئن پوي تہ مان ودیا سچي وٺان ٿو يا نہ؟ سچي ودیا ۾ مان وڌان ٿو يا نہ؟" پروفيسر هن شاگرد کي چوي ٿو تہ "منهنجا پيارا! تون پاڻکان هڪ سوال

(٢)
نيلو گلستان

دولت پور شهر ۾ هڪ لکاپتي رهندو هو. سندس نالو هو سيٺ دياچند. جهڙو ڏن ۾ پريل، تهڙو دل جو ڪشادو هو. گهر گهر ۾ هن سيٺ لاءِ عزت هئي. پرديس کان ماڻهو اچن دولتپور ۾، ۽ چون ته "اسين سيٺ دياچند جو درشن ڪريون." ڪوبه بکيو ڏکيو سندس در تان خالي نه موٽي. سندس دان مان شهر ۾ اِسڪول ۽ ڪاليج، دواخانه ۽ يتيم خانه ۽ سنتن جي جيون چرتر ۽ سکيا ڦهلائڻ لاءِ جدا جدا ڇاپخانا جاري ٿيا.

دولتپور شهر سال به سال ويو وڌندو. ٿورن سالن اندر جاين جي گهڻي تنگي ٿيڻ لڳي. بيماريون وڌڻ لڳيون. ويچارن غريبن کي گهڻي تڪليف ٿي.

سيٺ دياچند جي دل ۾ ديا ۽ محبت هئي غريبن واسطي. جڏن ڏسي ٿو ته شهر جي حالت وڃي ٿي بگڙندي، تڏن وڏيڪ ڪيس چنتا ٿئي ٿي ته "مان غريبن لاءِ ڇا ڪريان؟"

هڪ ڏينهن ڪيس خيال ٿئي ٿو ته غريبن لاءِ هڪ وڏو ميدان وٺجي ۽ ڪين گهر ٺهرائي ڏجن ته بنا مسواڙ وڃي اُتي رهن.

دولتپور شهر جي پرسان هڪ وڏو ميدان هو. سيٺ دياچند هڪ لک رپيا خرچ ڪري اِهو ميدان ورتو. دولتپور ۾ غريب ماڻهو اکيون پائي وينا هئا ته ڪڏهين ٿا گهر تيار ٿين؟

اُنهيءَ ميدان تي نالو رکيائون غريب آباد. ٿورن مهنن ۾ گهر تيار ٿي ويا. سيٺ دياچند هڪ ڏينهن پنهنجي دوست

هلن ٿيون. منهنجو ڪوٽ ڏسي اِها منڊم چوڻ لڳي تہ "تنهنجو ڪوٽ سنهو آهي : هتي سردي گهڻي آهي." هڪ دڪان تي مون کي وٺي هلي ٿي ۽ دڪاندار کي چوي ٿي تہ "مونکي هڪ جيگر ڏي :" جنهن کي اسين گنجي چئون ٿا. جيگر جي قيمت هڪ گني، ۽ دڪاندار کي هڪ گني ڪڍي ڏئي ٿي. مون چيو تہ "مان ڏيان :" مون کي چوي ٿي تہ "چپ ڪر، تون ڌاريو نہ آهين، تون پنهنجو آهين!"

پوءِ مونکي وٺي هلي ٿي پنهنجي گهر. ڪيس وڏو بنگلو هو. پوءِ مان ڇا ٿو ڏسان؟ پاڻ ۽ سندس ڌيءُ ڇا وينيون ڪن؟ پٽاٽا وينيون وڍين، ڀاڄيون وينيون سوئين. اسان وٽ چوڪري ڪٽي ٿوروئي پڙهيل هجي تہ جيڪر چوي "مان ٿي ڀاڄي سويان!" اُن وقت مان ڪين چوان ٿو تہ "توهانکي نوڪر چاڪر آهن." مونکي ڇا ٿيون چون؟ "اسين رڌڻ بہ ڄاڻون! اسان کي سکيا ملي آهي تہ سادگيءَ ۾ رهون! اسان کي خوشي ٿي ٿئي جو تون آيو آهين. اسين پنهنجن هٿن سان تو لاءِ رڌينديونسين. چانور ڀاڄيون وغيرہ پاڻ تيار ڪنديونسين." اها انگريزي استري ۽ سندس ڌيءُ هيون چمڪندڙ تارا.

توهين بہ اُن استريءَ جي پڙهيل ڌيءُ وانگر سادگيءَ ۾ وڌو. شل اوهين گلستان جا سچا گل ٿيو، چمڪندڙ تارا ٿيو! ۽ شل توهانجي جيون ۾ سادگيءَ جي جوت چمڪي، چمڪي، چمڪندي رهي!

هو ۽ سندس اکيون ڪومل، سندس زبان شيرين. سندس دل ۾ ڀڳتي شري ڪرشن جي واسطي. نرمل هڪ ڪاليج ۾ پڙهندو هو. اُنهيءَ ڪاليج جو نالو هو ڪرشڻ ڪاليج.

اونهاري جو وئڪيشن مليو آهي. نرمل اچي ٿو گهر. پاڻ کان پڇي ٿو :- "سياڻي ڇا ڪريان؟ ڪو چڱو ڪم ڪريان : کهڙو؟" نرمل نگر ويران ڏٺو آهي. ڪيس خبر آهي ته سيٺ دياچند جي دل ۾ ڪيترو نه دک آهي! رات جو سمهڻ کان اڳي نرمل پرارٿنا ڪري ٿو :- "مالڪ مهربان! توکي خبر آهي غريبن جي درد جي. توکي خبر آهي ته دياچند جي دل اندر ڪيترو نه دک آهي! مان هڪ مسڪين، پر مونکي محبت آهي غريبن جي واسطي. جيڪر سندن شيوا واسطي ڪجهه ڪريان. هي مالڪ مهربان! ٻڌو اٿم ته هڪ نيلو گلستان آهي. پر خبر نه آهي ته ڪٿي؟ ٻڌو اٿم ته نيلي گل جو اهو گڻ آهي ته جتي سندس ٻج لڳي وڃي، اُنهيءَ زمين مان منو پاڻي ملي. هي ديالو! شيام سندر! سياڻي صبوح جو وڃان ٿو تلاش ۾، تنهنجي گل، ڪرشڻ گل، نيلي گل جي تلاش ۾. ۽ تنهنجي ڪمل چرنن ۾ هيءَ پرارٿنا اٿم ته آسيس ڪر ته تلاش ۾ سوڀارو ٿيان ته ويران نگر آباد ٿئي!"

نرمل کي ننڊ ۾ به خيال ويران نگر جو. سپنن پٺيان سپنا لهي ٿو. هڪ سندر سپني ۾ ڇا ٿو ڏسي؟ نرمل جي اکين ۾ درد جا ڳوڙها ۽ سندس سامهون شري ڪرشن نيلو گل هٿ ۾ ڪٺي بيٺو آهي ۽ چويس ٿو :- "نرمل نوجوان! منهنجا ڀڳت مونکي پيارا آهن. تون دلگير نه ٿي. وڃ تون تلاش ۾. رستي تي توکي تڪليفون اينديون. پر مان تنهنجي نزديڪ آهيان ۽ منهنجو آواز توکي ايندو ته 'اچ تون منهنجي پٺيان.' جي اهو

دنيچند کي چيو تہ "هينئر نگر تيار ٿيو آهي : خيال اٿم تہ سياڻي پرو گهمايان تہ جيڪي غريب اُتي رهڻ چاهين سي ناڪ ڪوٺيءَ تي موڪلين تہ ڪين بنا مسواڙ جڳهن ڏيڻ جو جوڳو بندوبست ڪجي. اڄ تہ هينئر اُنهيءَ نگر جي رونق ڏسي اچون."

سيٺ ۽ سندس دوست گڏجي وڃن ٿا. ميدان عاليشان، پڪ سرون جايون، لعل گهر، هوا سٺي : پر هي ڇا ؟ کوهہ جو پاڻي پيئن تہ کارو ئي کارو ! جدا جدا کوهن جو پاڻي سيٺ پيئي ٿو. هرهڪ کوهہ جو پاڻي کارو ! دنيچند چوي ٿو :- "جايون تہ سٺيون، پر مٺي پاڻيءَ بنا گذارن ڪير ڪندو ؟"

سيٺ دياچند دلگير ٿي موٽي ٿو. چويٿو :- "مٺي پاڻيءَ بنا هيترا پئسا سڀ برباد ! هينئر ڇا ڪجي ؟"

ودوان گهرائي ٿو، پروفيسر ۽ اِنجنير ۽ سائنس دان گهرائي ٿو ۽ ڪين چوي ٿو :- "ڪو اُپاءُ ڪيو. مٺي پاڻيءَ جا کوهہ ڳوليو." ودوان غريب آباد ۾ وڃن ٿا. تپاس ڪن ٿا، تجربا ڪن ٿا : پر موٽي اچن ٿا ۽ سيٺ کي چون ٿا :- "جتي ٿا کوٽيون، اُتي کارو پاڻي ! اسين لاچار آهيون."

سيٺ دياچند گهڻو دلگير ٿيو. غريب ويچارا، جن جي دلين ۾ آسون اُميدون هيون، سي دلشڪست ٿيا. هڪ ماڻهو بہ غريب آباد ۾ نہ ويو. سانجهيءَ جي وقت ڪڏهين ڪڏهين ڪيترا نوجوان اُنهي پاسي گهمڻ ويندا هئا ۽ گهرن جي سامهون بيهي چوندا هئا :-

لعل گهر، پر نگر ويران !

*

اُنهن مان هڪ نوجوان جو نالو هو نرمل. ودیا ۾ هوشيار

هڪ ڪن ۾ وسارين سگل سنسار !
نہ دڪہ هتي، نہ ڪشٽ جو هڪ پي ڪٽو !
جي اچن هن موج ۾، ماڻين سي ٿا سڪہ گهڻو.
پنهنجي پيارل جي واسطي !
من موهن جي واسطي !"

نرمل پاڻ کي چوي ٿو :- "ڪهڙو نہ سندر راڳہ ! ڪهڙو نہ سندر محل ! نيلو گلستان هوندو تہ هن شيش محل ۾ !"

نرمل اندر وڃي ٿو : ڇا ٿو ڏسي ؟ هڪ وڏو هال آهي، تنهن ۾ چلڪندڙ ڪرسيون. ٢٠ شاهوڪار مسافر ويٺا آهن. هڪ ڇوڪري راڳہ ويٺي ڳائي. هڪ نوڪر پيالا پيو پهچائي. اِهي ماڻهو نرمل کي ڏسن ٿا ۽ خوش ٿي ڪيس هڪ ڪرسي ڏين ٿا. نرمل ڏاڍو ٿڪل آهہ. ڪرسي تي وهي ٿو تہ ڪيس ڪجهہ آرام اچي ٿو. انهيءَ مجلس جو سياپتي نوڪر کي چوي ٿو تہ "ٻيو بہ پيالو ڪٽي اچ." نرمل کي آچ ڪري ٿو. نرمل پڇي ٿو :- "هن پيالي ۾ ڇا پيو آهي ؟" سياپتي چوي ٿو :- "شراب چنبيلي گل جو." نرمل اچان پيئڻ تي آهي تہ هڪ آواز ٻڌي ٿو :- "اچ تون منهنجي پنيان."

نرمل سڃاڻي ٿو تہ آواز تہ آهي ڪرشڻ جو. اچان ڪٽي نهاري تہ ڇا ٿو ڏسي ؟ اِهي ٢٠ ماڻهو، جن شراب ٿي پيتو، سي مورڇا ٿي پٽ تي ڪري پيا آهن، ۽ اِها ڇوڪري سندن پيتين مان رپيا ۽ سون ۽ هار ۽ هيرا ڪڍي ڪين ڪٽي وڃي ٿي ڦٽو ڪندي هڪ انڌي ڪوهہ ۾ جتي جيڪو وڃي سو وري نہ موٽي !

نرمل شيش محل مان ڊوڙ پائي ٻاهر اچي ٿو. ميل پنڌ جو مس ڪريٿو تہ هڪ وڻ نظر اچيس ٿو. اُنهيءَ وڻ هيٺ

آواز ٻڌي اُنهيءَ جي پيروي ڪندين تہ پوءِ لالچون تڪليفون سڀ دور ٿي وينديون ۽ اچي پهچندين هڪ گلستان ۾ جو نيلن گلن سان پريل آهي. نرمل نوجوان! منهنجي آسيس توتي آهي!"

خوشيءَ وچان نرمل ننڊ مان يڪدم اُٿي ٿو. ڏسي ٿو تہ صبوح آهي. ٦ بجا لڳا آهن. اِشنان ڪري ٿو. سادا ڪپڙا پائي ٿو. پرارٿنا ڪري ٿو. گهر جا ٻيا ڀاتي اجان سمهيا پيا آهن. نرمل ماتا کي نمسڪار ڪري ٿو. سندس سمهڻ جي ڪوٺيءَ جي ڀت تي هڪ سندر تصوير شيام سندر جي ٽنگيل آهي. تنهن تصوير اڳيان سر جهڪائي چوي ٿو :- "آسيس ڪر! نرمل نماڻي تي آسيس ڪر!" ائين چئي نرمل نوجوان نڪري ٿو تلاش ۾.

*

هي نرمل نوجوان! متان وسارين پنهنجو سپنو! شيام سندر تنهنجي نزديڪ آهي. رڳو رکجانءِ يادگيري!

صبوح جا ست بجا لڳا آهن تہ نرمل ٻاهر نڪري ٿو. ٢ ڪلاڪن جي مسافريءَ کان پوءِ نرمل ڏسي ٿو تہ مار! سامهون هڪ سندر محل آهي. سڄو شيشن جو ٺهيل آهي، تنهن ڪري سندس نالو شيش محل. اِنهيءَ محل مان هڪ راڳ هي پيو اچي :-

"پنهنجي پيارل واسطي!
من موهن جي واسطي!
هي راڳ ريجهائيندڙ،
دلربا جي واسطي!
اچين اندر جي هاڻ تون هڪ وار،

پويس ٿي تہ "نڪتس ڪهڙي پوتر تلاش ۾، ۽ اڇي پيو آهيان ڪهڙي پاپ جي چار ۾؟ مالڪ مهربان! هاڻ مهر ڪر!" ائين چئي يڪدم ٽپو ڏنئي ٿو: رنگارنگي ٻيڙيءَ مان اُڇلائي ٿو پاڻ کي درياهہ ۾. جن کي سائين ڏي طاقت، تن جو ترهو پار. نرمل درياهہ جهاڳي وڃي ڪناري تي پهچي ٿو. اُتي هڪڙو سندر وڻ آهي. اُنهيءَ جي پاڇي هيٺ وڃي وشرام ڪري ٿو. ٥ ٻجا لڳن ٿا. نرمل ويچارو ٿڪل ۽ ٻڪايل. هٿ ٻڌي پرارٿنا ڪري ٿو :-

پريشان! پريشان!
هاڻ ڪر ڪو تون احسان!
اپراڌ ڪيا اٿم ڪيترا، پر تو لئہ مونکي پياس،
مهر ڪندين تون پنهنجي، ٿينديم پوري آس.
دل جي اندر دڪ اٿم، دڪ ۽ شرم ساري؛
پر تون ڇڏين نہ مونکي، منهنجا شيام مراري!
پريشان! پريشان!
هاڻ ڪر ڪو تون احسان!

*

٦ ٻجا لڳا آهن. سج لهڻ تي آهي. نرمل اُتي ٿو ۽ وري پنڌ پوي ٿو. ميل پنڌ ڪري ٿو تہ هڪ گهنڊ جو آواز ٻڌي ٿو. قدم اڳتي کڻي ٿو: ڇا ٿو ڏسي؟ هڪ مندر آهي ۽ اُنهيءَ مندر جي دروازي تي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ڪي شلوڪ لکيل آهن جن جو ترجمو هي آهي :-

"انسان جيئي ٿو نہ روٽيءَ ۽ رپين سان،
پر پريم جي پوتر شڪتيءَ سان!
جي خوديءَ ۽ خود مطلبي خيالن ۾،

ويهي پرارٿنا ڪري ٿو. مالڪ جا شڪرانا مڃي ٿو ۽ ٿڪ پڄي وري پنڌ پوي ٿو.

٢ ٻجا منجهند جا لڳا آهن : نرمل ڇا ٿو ڏسي؟ سندس سامهون هڪ سندر ڍنڍ آهي، جنهن ۾ هڪ ٻيڙي رنگا رنگي آهي. نرمل خيال ڪري ٿو ته هن ڍنڍ جي آرپار وڃڻ لاءِ ضرور آهي ته ٻيڙيءَ ۾ چڙهان. ٻيڙيءَ اندر وڃي ٿو. ڏسي ٿو ته فقط هڪ عورت ويٺي آهي. سندس وار چلڪي دار، سندس چپن تي لعلي. ڪجهه وقت بلڪل سانت ۾ آهي. نرمل وائڙو ٿي بيٺو آهي. وجهه وٺي اِها استري چويس ٿي :- "ڪومل نوجوان! تون ٿڪل آهين! اچي ويهه منهنجي پرسان! تنهنجي اندر بي آرامي آهي. مان هڪ راڻي آهيان. منهنجو محلات درياءَ جي اندر آهي. ۽ منهنجو نالو آهي سندري. ڇو اچي پٽڪيو آهين؟ ڪرشن گل جي تلاش ڇڏ. ڏس منهنجي شڪل : اُن ۾ ديدار ڪر نيلي گل جو! نوجوان نماڻا! هاڻ اچ ته پرچون پاڻ ۾!"

ائين چئي نرمل جي اکين ۾ نهاري ٿي، اهڙي تيج ۽ طاقت سان، جو نرمل ويچارو نربل ٿي پوي ٿو. ائين پيو ڀانئي ته ڪو ڪيس چڪي پيو. ڇڻ ته مٿس جادوءَ جو اثر آهي. نرمل سندريءَ جي نزديڪ نزديڪ وڃي ٿو. ويچارو نرمل! وري ٿو وڃي ويسر ۾، غفلت جي ننڊ ۾! نرمل خيال ٿو ڪري :- "بس! ٿڪل ته ڏاڍو آهيان. ڪير ڄاڻي ته هي نيلو گلستان فقط هڪ ڏند ڪٿا آهي؟ هن سندريءَ جي سنگ ڪان وڌيڪ ٻيو سک ڪٿي؟" اجان وڌيڪ نزديڪ وڃڻ جي ويچار ۾ آهي ته اوچتو آواز اچي ٿو :- "اچ تون منهنجي پنيان!"

نرمل جا ڪپاٽ کلن ٿا. آواز سڃاڻي ٿو ۽ يادگيري

ڪرشڻ داس : - ڪٿان ٿو اچين ؟

نرمل : - دولت پور مان.

ڪرشڻ داس : - مسڪينن جي نگر ۾ تون ڇو آيو آهين ؟

نرمل : - سائين! تلاش ۾.

ڪرشڻ داس : - تلاش ڪهڙي ؟

نرمل : - نيلو گلستان! سائين! توهان تہ ڀڄو هوندو تہ اسانجو غريب آباد ويچارو ويران آهي. سيٺ دياچند گهر ڏاڍا سٺا نهرايا آهن تہ پل غريب بنان مسواڙ اُتي وجي وهن. پر رهن ڪٿن ؟ پاڻي ڪارو ٿي ڪارو. سائين! ڪرشڻ گل جو ٻج ملي تہ جيڪر جنهن زمين ۾ لڳي اُتي پاڻي مٺو ملي. خبر مليم تہ هڪ نيلو گلستان آهي. نڪتو آهيان اُن جي تلاش ۾.

ڪرشڻ داس : - نرمل نوجوان! مان ڏسان ٿو تہ تون ڪرشڻ ڀڳت آهين. تنهنجي اکين ۾ تيج آهي. تنهنجي دل ۾ غريبن لاءِ درد آهي. نيلو گلستان هن مندر ڪان هڪ ميل پري آهي ۽ اُهو منهنجي سنڀال هيٺ آهي. مان گهڻو وقت اُتي گذاريندو آهيان. نيلي گل جو ٻج ملي سگهندو پر ڪن شرطن تي.

نرمل : - سائين! جيڪي شرط چئو سو مونکي قبول آهن، پر ڪرشڻ گل جو ٻج ڪٿن بہ ملي. شرط ڪهڙا آهن، سي مهرباني ڪري ٻڌايو.

ڪرشڻ داس : - نرمل! تنهنجا چپ سڪل آهن. توکي بک آهي. پهريائين تون ماني کاءُ تہ پوءِ توکي وٺي هلان نيلي گلستان ۾!

نرمل : - جيئن سائين جن جو حڪم!

نرمل جي اکين ۾ نئين اُميد جو تارو چمڪي ٿو ۽ تڪڙ

سي فقط انسانن جي چولن ۾ !
زندگي تن جي سڦل، جن کي پياس آهه،
۽ شري ڪرشن جي آس آهه !
جي چاهين ملي توکي خزانو،
سندس ڪمل قدمن جي خاڪ جو،
تہ سمجهہ هي ظالم زمانو،
۽ ڪر وجين تون وٽجہ پريم جو !"

نرمل مندر ۾ گهڙيو ته، جنهن گهنڊ جو آواز ٻڌو هئائين، اهو گهنڊ هينئر ڏسي ٿو. پوڄاري چونس ٿا تہ "اِهو آهي مهاگهنڊ جو رات ڏينهن پيو وڄي، ڇاڪاڻ تہ اِنهيءَ مندر، ڪرشڻ مندر ۾ رات ڏينهن پيئي پوڄا ٿئي."

جنماشٽميءَ جي ڏينهن سال بہ سال انهيءَ مندر ۾ هڪ ميلو لڳندو آهي. ماڻهو هزارن ۾ اچي مڙندا آهن. مها گهنڊ جو آواز اهڙو مٺو ۽ من موهيندڙ ٿيندو آهي، جو زالون ۽ ٻار جوش ۾ اچي پنهنجا مٽيا ۽ منڊيون لاهي شري ڪرشڻ جي نالي ارپڻ ڪري ڇڏين.

انهيءَ مندر ۾ هڪ ساڌو آهي، سچو ڪرشڻ ڀڳت. پئسن ڪان پري ڀڄي، پنهنجي پگهر جو پورهيو ڪري ڪائي. سال ۾ فقط جنماشٽميءَ جي ڏينهن دان وٺي، نہ ڪنهن ٻئي ڏينهن ; ۽ اُنهيءَ ڏينهن بہ جيڪي دان ۾ مليس، مٽيا منڊيون، رپيا، اَنُو، ڇانور ۽ گيهہ، سو سڀ شهر جي غريبن جي شيوا ۾ لڳائي. انهيءَ ساڌوءَ جو نالو آهي ڪرشڻ داس.

*

ڪرشڻ داس : - نوجوان ! تنهنجو نالو ڇا آهي ؟
نرمل : - سائين ! منهنجو نالو نرمل.

کيس چوي ٿو :-

نرمل نماڻا ! هڪ تار بنان تار آهي (Wireless) ۽ اُنهي تار سان ڪرشن ڀڳت هڪ ٻئي جي دل جو آواز ٻڌن ٿا. تون هڪ ڪرشن ڀڳت آهين. مان تنهنجي دل جو آواز ٻڌان ٿو. توکي درد آهي ويران نگر جي واسطي : مونکي درد اٿيئي سڄي هندستان واسطي ! هن وقت سڄي ملڪ جي حالت اُبتر آهي. ودوانن ۾ نمرتا ڪانهي، براهمڻن ۾ ڀڳتي ڪانهي، ٻاون ۾ پوترتا ڪانهي، مردن ۾ مردانگي ڪانهي، مندرن ۾ تپسيا ڪانهي، ٺڪاڻن ۾ ست نام ڪونهي : دڪانن ۾ دغابازي، راڄنيتيءَ ۾ چالبازي، شيوا ۾ خود غرضي. دان ۾ خيال مان جو. گهرن ۾ تڪرار جي تلوار ۽ مذهبن ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڌڪار. ڪرشن پوڄا ڪٿي؟ ڏوپ واس ۽ گل گهڻا، پر ست نام جي سڱنڌ ڪٿي؟ نرمل نماڻا ! هندستان ۾ ڪرشڻ گل جو ٻج چٽڻ ڪپي تہ هي پراچين ديش، جو هن وقت هڪ قبرستان آهہ، سو وري آباد ٿئي. توکي ڪرشڻ گل جو ٻج ڏيان ٿو ; پر ياد رکج تہ ڪنهنجي بہ هٿان ٻج نہ لڳندو، جيستائين هوُ هي ٣ ساڌن نہ ڪندو :-

(١) ٿورو ڳالهائڻ،

(٢) لوڀ ڪان منهن موڙڻ، ۽

(٣) غريبن جي شيوا ڪرڻ.

هاڻ هي ٻج تون ڪٽي وڃ ; ۽ شل شري ڪرشن جي آسيس رهي تو مٿان!"

نرمل ڪرشڻ داس اڳيان سر جهڪائي ٿو. خوشيءَ ۽ شڪرگذاريءَ وچان نرمل جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو. ساڌوءَ جي آسيس وٺي ٿو. شري ڪرشڻ جي اڳيان ٻئي ٻيهي ڳائين

۾ ماني کائي تيار ٿئي ٿو. سندس دل اندر خوشيءَ وچان هي ٺي آواز اچي ٿو :-

نيلو گلستان! نيلو گلستان!

*

رات جو وقت آهي. چنڊ پنهنجي نرمل روشنائي ڏيئي رهيو آهي. ڪرشن داس ۽ نرمل ڪي هڪ جهنگ منجهان لنهگهو آهي. ميل ڪن پنڌ ڪن ٿا تہ اچي پهچن ٿا.

نيلو گلستان! دروازي جي سامهون شيام سندر جي شڪل آهي. اندر هڪ شاهي باغ آهي. گل سيئي نيلا. هڪ تلاءُ آهي. منجهس چنڊ پيو چمڪي. ۽ تنهن ۾ شيام سندر جي تصوير آهي. چوطرف مڌر مرليءَ جو راڳ پيو ٻڌجي. انهيءَ راڳ جو مکيہ رس آهي هيئين لفظن ۾ :-

"جيءِ جيءِ هندستان!

جيءِ جيءِ هندستان!"

نرمل هٿ ٻڌي ڪرشن داس کي عرض ڪري ٿو :- "سائين هن نيلي گل جو ٻج دان ڪريو."

ساڌو پڇي ٿو :- "پر شرط قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهين؟"

نرمل چوي ٿو :- "سائين! مان هر حال ۾ حاضر آهيان. شرط جيڪي چئو!"

ڪرشن داس چويس ٿو تہ "منهنجي پٺيان اچ." ٿورن منٽن ۾ هڪ جهوپڙيءَ اندر گهڙن ٿا. ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي. فقط هڪ تصوير شري ڪرشن جي رکيل آهي ۽ هڪ روشنائي پيئي ٻري. ڪرشن داس ۽ نرمل ٻئي پڳتي ياو سان اُنهيءَ مورت اڳيان وڃي وهن ٿا. ڪرشن داس نرمل جي مستڪ تي آسيس جو هٿڙو گهمائي ٿو. ۽ پوءِ آهستي آواز ۾

(٣)

پريم پوکيو

هڪ دفعي جي ڳالھہ آهي تہ شاھہ عبداللطيف پاڻ ٻيڙيءَ ۾ چڙھيو آهي ۽ ٻيڙيءَ وارو ويٺو ٻيڙيءَ هلائي. سياڳو آهي ٻيڙيءَ وارو ، جو تہ مهاپرش سندس ٻيڙيءَ ۾ چڙھيل آهي. شاھہ عبداللطيف سان گڏ ٻيا بہ ڪي ٻيڙيءَ ۾ چڙھيل آهن.

هي پنهنجي ئي موج ۾ آهي. اسين چئون تہ اسين وارن کي سينگاريون تہ سنهون، پر پريوءَ جا پيارا وار ناهين بہ ڪونہ تہ بہ سونهن پيا ! اسين چلڪندڙ ڪپڙا پائڻ چاهيون ٿا. بيشڪ اِنهن ۾ باهرين سونهن آهي ، پر پريوءَ جا پيارا ڪٽي ميرا ڪپڙا پائين تہ بہ پيا سونهن! شاھہ عبداللطيف جي بدن تي بہ معمولي ڪپڙا آهن : وار هيڏانهن هوڏانهن پيا وڃنس پر تڏهين بہ سونهن ۾ پيو چمڪي.

ٻيا بہ آهن ٻيڙيءَ ۾ جي گيت وينا ڳائين ، پر اُنهن منجھہ هڪ ماڻهو آهي جو ڏاڍو شونقين آهي. ڪيس فقط دنيا جو ويچار ياد آهي. هن ماڻهوءَ کي خبر ڪونهي تہ شاھہ عبداللطيف ڪير آهي؟ وري وري هي ماڻهو شاھہ ڏانهن نهاري ٿو ۽ چرچا ڪندي چوي ٿو :- "اڙي! هنڪي تہ ڦٽي بہ ڏنل ڪانهي! ڏسو سندس ڪپڙا!" جيئن شاھہ عبداللطيف جا شش اِهي اکر پيا ٻڌن، تيئن ڪين ڪاوڙ پيئي لڳي تہ جيڪر هن ماڻهوءَ کي ٽنگا ٽولي ڪري ڦٽو ڪريون. پر ائين ڪرڻ کان شاھہ عبداللطيف پيو کين روڪي ۽ پيو چوين تہ "هنکي پيار ڏيو!" جيئن پيو شاھہ پنهنجن ششن کي روڪي ، تيئن ماڻهوءَ

تا :-

"جيءِ جيءِ هندستان !
جيءِ جيءِ هندستان !"

*

پوءِ نرمل موڪل وٺي موٽي دولت پور ڏانهن وڃي ٿو. موٽ جي مسافريءَ تي نرمل ڇا ٿو ڏسي، ڪهڙيون تڪليفون ۽ لالچون اچنس ٿيون، تن جي بيان ڪرڻ جو وقت ڪونهي. پر روز روز اِهي ٣ ساڌن ڪري ٿو. نيٺ پنهنجي گهر اچي پهچي ٿو. پتا ماتا جي آسيس وٺي ٿو. سيٺ دياچند ڪي گڏجي ٿو. ٻئي گڏجي وڃن ٿا ويران نگر ڏانهن. نرمل نماڻو دل ۾ شري ڪرشڻ جو ڌيان ڌري ميدان ۾ جدا جدا جڳهين تي نيلي گل جو ٻج ڇٽي ٿو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ ستن جڳهين ۾ نيلو گل اُيري ٿو. سيٺ اهي ست جڳهيون ڪوٽائي ٿو. هڪ هڪ منجهان منو پاٽي نڪري اچي ٿو.

"منو پاٽي! منو پاٽي!" اِها خوشيءَ جي پڪار در در پهچي ٿي. دولت پور ۾ ماڻهو اچن ٿا. ويران نگر آباد ٿئي ٿو. سيٺ دياچند جي دل ۾ آنند ٿئي ٿو. نرمل جي دل ۾ شڪرگذاريءَ جو راڳ. غريبن جي آسيس جو خزانو وٺي خوش ٿئي ٿو. سيٺ هڪ سندر مندر غريب آباد ۾ نهرائي ٿو. اِنهيءَ مندر ۾ ذات پات جو خيال ڪونه ٿا رکن. سڀ گڏجي هر روز پرڀات جو ۽ هر روز رات جو شري ڪرشڻ جي گيتا جو پاٺ ڪن ٿا ۽ ننڍا وڏا ملي مڌر آواز ۾ ڳائين ٿا :-

"جيءِ جيءِ هندستان !
جيءِ جيءِ هندستان !"

ڏنيون."

شاهہ لطيف :- "پيارا ! هنجي دل جي گهر ۾ اُهي وکار ئي هئا جي مونکي هن ڪڍي ڏنا. مون وري چيو پاڻ کي تہ پاڻ تہ جيڪي هئس سو مونکي ڏنائين. هاڻي مان بہ تہ اُنهيءَ لاءِ کيس ڪجهہ ڏيان ! منهنجي گهر ۾ تہ هئي فقط آسيس سا تہ مون هنکي ڏني. پوءِ چو ٿا توهين هنتي يا مون تي ڪاوڙجو ؟"

شش خيال ڪن ٿا تہ اسانجي گروءَ جي ڪيڏي نہ پدوي آهي ! پوءِ سيپئي سانت ۾ ٻيڙيءَ مان لهي وڃن ٿا. شل اسين بہ هي ويچار ڪريون تہ اسين بہ سيني کي آسيس ڏينداسين ! توهان پنهنجن دلين جي گهر ۾ ڇا رکيو آهي ؟ کهڙو نہ سندر فرنيچر توهين پنهنجن گهرن ۾ رکو ٿا : پر اِهو ڪڏهين توهان پاڻ کان پڇيو آهي تہ توهان جي دلين ۾ ڇا آهي ؟ شل هي ويچار توهين پاڻ سان ڪٺي وڃو :- "شل اَسين پنهنجي دل جي گهر ۾ پريم پدارٿ رکون ! سيني کي آسيس ڏيون ! جيڪي اسانجي نندا ڪن تن کي بہ آسيس ڏيون : جيڪي اسانکي گاريون ڏين تنکي بہ اسين پريم سان ڏسون. خاص ڪري غريبن تي آسيس ڪريون !" توهان تي جوابداري آهي تہ غريب ياٿرن پينرن کي پيار ڏيو ! اوهان کي نوڪر چاڪر آهن ڇا ؟ تن تي توهين ڪاوڙ نہ ڪريو ، پر پاڻ تن تي آسيس ڪريو ! پنهنجي دل جي گهر ۾ آسيس جو فرنيچر رکو ! پوءِ توهانجي آتم شڪتي کلندي. اُها آتم شڪتي تڏهن کلندي جڏهين پنهنجون دليون پريم سان پريندا. ست سنگ جو ڦل اُنهن کي ڪونہ ملندو جن کي ڪاوڙ آهي ! ڪاوڙ تي توهين ڪاوڙجو ! دل اندر آسيس رکو ! پريم رکو ! پريم پوکيو !

ڪي هُشي پيئي ملي ۽ وڌيڪ گاريون پيو ڏئي. ياد رکجو تہ سنتن هي هڪ سبق سکيو آهي تہ گاريون بہ گل آهن. سو شاهہ بہ صبر ۾ وينو سهي ۽ پيو مشڪي. ٻيڙيءَ وارو وجي پنهنجي ٻيڙي هلائيندو.

تان جو ٻيڙي ڪناري تي پهچي آهي. هن ماڻهوءَ کي عجب لڳو تہ هي ڪير آهي جو هيترو سهي؟ جيڪڏهن پريوءَ جا پيارا پنهنجن نيڻن سان نهارين تہ جيڪر اسين بہ تري پئون. هن دشٽ تي بہ شاهہ عبداللطيف جي ديا درشٽي ٿئي ٿي. سنتن جي نين نين ۾ پيار ۽ آسيس آهي. هي ماڻهو ڏسي وينو تہ ڪيڏي نہ پيار سان شاهہ عبداللطيف ڏانهنس نهاري وينو! هي ماڻهو يڪدم ڦري پوي ٿو ۽ جيئن ٻيڙي اچي ڪناري تي پهچي ٿي تہ هي ماڻهو سندس چرنن ۾ ڪري پوي ٿو ۽ روئڻ ۾ چٽڪي ٿو. تنهن ڪانپوءِ چوي ٿو :- "سائين! مونکي معاف ڪريو!" شاهہ عبداللطيف جا شش وائڙا ٿين ٿا ۽ چون ٿا تہ "سائين! هن توهان کي هيتريون گاريون ڏنيون، پوءِ توهان هنکي هيڏو پيار ڇو ڏنو؟" تڏهن ڏسو تہ ڇا ٿو چوي؟

جيئن شري سکمني صاحب ۾ چيل آهي :- "ساڌ سنگ سي ڪل اُڌاري." تيئن اهڙي سنگ ڪرڻ ڪري هڪ ننڊڪ جو جنم سڦل ٿي پيو! سنتن جي تواريخ ۾ توهين ائين ڏسندا تہ جيڪڏهن پريوءَ جي پيارن کي ڪنهن تڪليف ڏني آهي تہ اُنهيءَ کي پاڻ اُنهن پيارن وڌيڪ پيار ڏنو آهي. ڏسو شاهہ لطيف هنن ششن کي ڪهڙو جواب ڏئي ٿو؟ چوي ٿو :- "ڏسو پيارا! هن ماڻهوءَ ڇا ڪيو جو هن کي جيڪي هو سو ٻهاري مونکي ڏنائين!" تڏهن شش چون ٿا :- "سائين! هن تہ گاريون

هڪ دفعي هڪ راڻيءَ کيس ڪوٺ ڪئي ته "مهرباني ڪري اَچو ۽ اَچي منهنجي نگر ۾ ماڻهن کي ڏڪار کان بچايو!"

ننوميا آيو. کيس ونڻ لاءِ راڻيءَ هڪ ماڻهو موڪليو: ۽ اُنهيءَ ماڻهوءَ هٿان ننوميا لاءِ راڻيءَ هڪ چلڪندڙ درباري پوشاڪ ۽ ڪي پئسا موڪليا. ماڻهوءَ چيس :- "سائين! راڻي صاحب هيءَ پوشاڪ ۽ پئسا توهانکي اِنعام طور موڪلي ڏني!" پر هن ديش ڀڳت چيو ته "مان اِنعام وٺڻ ڪونه آيو آهيان: مان آيو آهيان غريبن جي شيوا وسطي! مهرباني ڪري هي اِنعام راڻي صاحب کي موٽائي ڏجو!"

ننوميا جو گهر غريباڻو هو. اِنهيءَ غريباڻي گهر ۾ ويهي هي ودوان، دل ۽ دماغ ۾ شاهوڪار، هي جپان جو ڪرم يوگي، نوجوانن کي سکيا ڏيندو هو:- "سادا ٿيو ۽ سچا ٿيو!" اِها هئي سندس سکيا نوجوانن کي. سندس آسون اُميدون هيون نوجوانن ۾. هڪ دفعي هن چيو ته "هڪ سچو ماڻهو اهڙي طاقت ٿو پيدا ڪري، جو ديوتائن کي به سجاڳي سگهي ٿو، ۽ پرٿوي ۽ آڪاس کي به پلٽي سگهي ٿو!"

هڪ ڏينهن پڇيائونس ته "سائين! توهانجو ڌرم ڪهڙو آهه؟" چيائين ته "منهنجو ڌرم آهي قرباني!" سندس جهڙي ڪٿي هئي، تهڙي رهڻي.

پنهنجي ڪم لاءِ هڪ پائي به پگهار جي نه وٺندو هو. سندس چوڻ هو ته "جي شيوڪ ٿيڻ چاهين، ته وٺ خزانو غريبيءَ جو!" سندس شيوا غريبن لاءِ سچو پريم هو. سندس دل ۾ ڪنهن به اِنسان يا سنسٽا لاءِ ڌڪار ڪونه هئي. چوندو هو ته "منهنجو رستو سڌارڻ جو هي آهي ته مان سيني کي

(۴)
سچو شيوڪ

هڪ عجيب اِنسان هو. غريبيءَ ۾ سندس مانُ هو. غريبن جي شيوا ۾ سندس شان هو. ١٧٨٧ ۾ سندس جنم ٿيو. ١٨٥٧ ۾ جو هندستان ۾ وڏو بلوو ٿيو، تنهنڪان ٿورو وقت اڳ سندس مرتيو ٿيو. مرڻ کان اڳي چئي ويو ته "منهنجي لاءِ ڪابه سماڌي يا عمارت نه ٺاهجو." سچو شيوڪ سو جنهنکي تمنا نه پئسي جي، نه نالي جي. سچو شيوڪ سو جو چوي ته "شل غائب ٿي وڃان غائب ۾!" هن جپان جي جوڳيءَ جو نالو هو "ننوميا." سندس چوڻ موجب سندس يادگيريءَ لاءِ نه پٿر، نه سنگمرمر جي سماڌي، نڪا عمارت آهي : پر سندس لاءِ جپان جي ماڻهن جي دلين اندر محبت جو مندر آهي. ننوميا جو نالو جپان ۾ پرسڌ، پيارو آهي.

وڏو ودوان هو : ودیا سان گڏ کهڙي نه سادگي هئس! شيوا جي هڪ مورت هو. هڪ دفعي ۴ هزارن غريبن کي اَنُ ۽ ڪپڙا ڏيئي موت کان بچايائين. ڳوٺن جا ڳوٺ، جڏهين ڏڪار جي چنبي ۾ اَچي چڙهيا، تڏهين هن هڪ اِنسان، هن غريبن جي خادم، سندن رکيا ڪئي! سندس ڪاڏو کهڙو؟ چانور ۽ هڪ ڀاڄي! سندس ڪپڙا سوٽي ۽ سستا. چوندو هو ته "ڪپڙا ملن جي تڏ لاهين، ۽ ڪاڌو ملي، جو بکه کان بچائي : ٻيو ڇا کپي؟" سندس سکيا هئي :- "سادا ٿي رهو ; نه ته ٻين جي شيوا لاءِ ڇا بچائي سگهندا؟"

(٥)
پرارٿنا جي شڪتي

نام هڪ پرم شڪتي آهي. نام جپڻ سان وڏي مدد ملي ٿي. نه سمجهو ته دنيا خالي آهي. اسان جي آس پاس آتمائون آهن، فرشتا آهن، ديوتائون آهن : اِهي آتمائون اسانکي مدد ڪرڻ ٿيون چاهين. اِئين سمجهو ٿا ڇا ته شري ڪرشن، گرو نانڪ ديو ۽ ٻيا زنده نه آهن؟ اُهي اسانکي مدد ڪرڻ ٿا چاهين. ستگرو اسانجي آس پاس آهن : اُنهن سان سنبنڌ رکڻ جو رستو اٿو پرارٿنا.

مان هڪ وقت ڪلڪتي جي ڪاليج ۾ هوس. مونکي ياد اچي ٿو : هڪ آرتوار جو ڏينهن آهي، منهنجا ڪي وديارٿي مون وٽ اچن ٿا ۽ حجت پائي چون ٿا ته "اڄ توهانکي اسان سان هلڻو آهي. اسان ڪي سير (cxcursion) ڪرڻو آهي. گڏجي هلون ۽ وڏي باغ (Botanical Gardens) ۾ ڏينهن گذاريون." اُهي باغ ڏانهن وڃڻو پوندو آهي ٻيڙيءَ ۾. مون وديارٿين کي چيو ته "اڄ جيڪر نه هلو ته چڱو." پر هنن چيو ته "اسان ميوو مٺائي ورتي آهي. اڄ اسانکي ضرور هلڻو آهي." آخر مون چيو ته چڱو.

ٻه ٻيڙيون ڪيونسين. هنن بنگالي وديارٿين ٻيڙين ۾ سندر گيت ٻڌايا. باغ ۾ پهتاسين. گڏجي پريتي ڀوڄن ڪيوسين. چار بجا لڳا ته مون وديارٿين کي چيو ته "هاڻي هلو ته موٽي هلون." پر هنن چيو ته "وڌيڪ ترسون." ڇه بجا

پريم ڏيان." هڪ وقت ڪي ماڻهو سندس برخلاف ٿي بيٺا. ڪين اِيرڪا ٿي، سندس نندا ڪري ۽ خوش ڪونہ ٿيا. مٿس ڪوڙيون تهمتون مڙهڻ لڳا. چي :- "هي ماڻهو مغرور آهي." ڪين سندس جواب ڪهڙو هو؟ ماڻ ۽ محبت! سندن پاپن جي سزا بہ پاڻ کي ڏيندو هو. جڏهن ڪيس گهڻو هلاڪ ڪندا هئا يا جڏهين غريبن کي گهڻو دکي ڏسندو هو تڏهين وجي اُپواس رکندو هو. هڪ دفعي ٢١ ڏينهن اُپواس ڪيائين. ڪجهہ بہ ڪونہ کاڌائين. پنهنجو وقت پرارٿنا ۾ گذاريائين :- "مالڪ مهربان! منهنجي ملڪ تي آسيس ڪر!"

سو سڀاڳو ديس آهي، جنهن ۾ ننوميا جهڙا شيوڪ ڪم ڪن ٿا. اُنهن جي تپشيا ۽ قرباني[٤] اَندر اُها طاقت آهہ جا ملڪ ۾ نئين زندگي، نوجيون جي جوت جڳائي ٿي!

آهن. ستگرو ۾ سندس پيارا حاضران حضور آهن. پرارٿنا ڪريو. نام ڪي نہ وساريو : نام جپيو ! سڀ ڪان سٺو خزانو ، ست نام، هري نام جو خزانو وساري ويٺا آهيون. اسانجي سهائتا آهہ سندس نام، اسانجو آسرو سندس نام، اسانجو ڌرم سندس نام، اسانجي شيوا سندس نام!

"پربڀ ڪا سمرن سڀ تي اوُچا."

"امرت ويلا سچ ناءَ وڏيائي ويچار."

*

پريو آهہ منهنجي اندر جو آرام ;

پريو آهہ منهنجي جيون جو وشرام ;

منهنجي آتما جو نج سکہ آهي ستنام!

لڳا : اسين ٻيڙين ۾ چڙهياسين. اوچتوئي اوچتو طوفان اچي لڳو. هڪ ٻيڙي الوپ ٿي ويئي. خبر ئي ڪانہ ٿي پيئي. منهنجي دل ۾ ڪيترائي خيال اچڻ لڳا. وديارٿين جي جوابداريءَ جو بہ خيال پئي ٿيم. مون ٻيڙيءَ واري ڪان پڇيو تہ "ٻي ٻيڙي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي؟ ڪا خبر تہ ڪر." ٻيڙيءَ وارو مسلمان هو ۽ تنهن چيو :- "اللہ ڪا آسرا!"

منهنجي دل ۾ چنتا ٿي. مون ڇوڪرن کي چيو تہ "منهنجو پرارٿنا ۾ وشواس اَٿو. توهين بہ ايڪانت ۾ ويهي پرارٿنا ڪريو." اِنهن مان ڪن جو پرارٿنا ۾ پورو اعتقاد نہ هو ۽ ڇاڪاڻ تہ هوُ مونکان سوال پڇندا هئا تہ "اِيشور آهي يا نہ؟" اسان سيني شانتيءَ سان اِيشور کي پرارٿنا ڪئي.

ٿورن منٽن جي پرارٿنا ڪانپوءِ ڇا ٿيو؟ ڪارا ڪڪر دور ٿيا ۽ برسات بند ٿي ۽ ٻي ٻيڙي نزديڪ آئي. وديارٿين چيو تہ "سائين! ستگروءَ اسانجي پرارٿنا ٻڌي." پوءِ وديارٿين چيو تہ "هاٿي هلنداسون پيدل رستي تان." اهو پنڌ اٽانگو هو ۽ رستي تي گپ هئي. وديارٿين کي منهنجو خيال ٿيو. آخر اسان خوب جوش سان "هري نام" "هري نام" ڪندا رات جو دير سان اچي ڪلڪتي پهتاسين. اُنهيءَ وقت کان وٺي اُهي وديارٿي چوندا هئا تہ "پرارٿنا بيشڪ هڪ وڏي شڪتي آهي." هن وقت ولائت ۾ هڪ وڏو ودوان اٿو جنهنجو نالو آهي سر آليور لاج (Sir Oliver Lodge) ڪنهن وقت هن بہ نٿي سمجهيو تہ پرارٿنا ڇا آهي؟ پوءِ هن سمجهيو ۽ هڪ ميٽنگ ۾ چيائين تہ "پرارٿنا هڪ وڏي طاقت آهہ." بيشڪ، پرارٿنا هڪ وڏي شڪتي آهي، هڪ ٻل آهي. شل اِيشور ڪري تہ اسانجو اعتقاد نام ۾ وڌيڪ ٿئي. پيارا! اوهين اڪيلا ڪين آهيو. اوهانجي آسپاس مددگار

پروليون ڏکيون آهن. ويهي ويچار ڪريون تہ 'د' جو اُپديش
ڇا آهہ ؟ اڇو تہ سمجهون."

ويچار ڪرڻ ضروري آهہ: فقط 'شروڻ' يعني 'ٻڌڻ'
ڪافي ڪونهي. ٻڌڻ کان مٿي 'منن' آهہ. 'منن' آهي 'ويچار
ڪرڻ' سانت ۾.

هي ماڻهو ويچار ڪن ٿا تہ رشيءَ جي اُپديش جي معنيٰ
ڇا آهي ؟

هڪ ماڻهو چويٿو :- "پيارا ڀائرو! ڏسو اسين سنساري
لوڪ آهيون. اِها رشين کي خبر آهہ. اسين وڻج واپار ڪريون
ٿا، پنهنجا گهر ٺاهيون ٿا، ڪيترا ٻيا ڪم ڪاريون ڪريون
ٿا، پر اسان جي هڪ هڪ ڪم ۾ لوڀ آهہ. اسين چاهيون ٿا تہ
اسانجو ڌن وڌي. ايترو تہ اسان کي لوڀ آهہ جو ڏينهن رات
چڪر ۾ پيا ڦرون. ويچار ڪريون ڪين تہ اِڪ نتيہ پدراٿ آهہ
'آتما'. ۽ رشيءَ جي سکيا اسان کي 'د' اکر ۾ پوري ملي آهہ.
رشيءَ جي سکيا آهہ تہ 'دان' ڪريو!" گرهستين واسطي
هميشهہ اِها سکيا ٿي رهي آهي تہ "پئسا ڪمايو ٿا، وڻج
واپار ڪريو ٿا، پر اوهان جو فرض آهہ تہ اُن جو هڪ حصو
غريبن دکين واسطي دان ۾ ڏيو." اِهو اِڪ اِڪ گرهستيءَ جو
مکيہ ڪم آهي، - گهر جي سنڀال ڪرڻ، پنهنجي سنڀال ڪرڻ
۽ تنهن سان گڏ ڪن نہ ڪن دکين جي سنڀال لهڻ. هڪ هڪ
ڌرم ۾ اِها سکيا مليل آهہ تہ "دان ۾ ڏيو!" هي ماڻهو ڏاڍو
خوش ٿين ٿا.

پوءِ رشي پڇين ٿو :- "پيارا! توهان اُپديش سمجهيو ؟
اِن اکر جي معنيٰ سمجهيا ؟"

چون ٿا :- "ها، سائين! اوهان جو اُپديش اسين ڪين

(٦)

هڪ اکري سکيا

اِڪ ڏينهن جو ذڪر آهي. ڪيترا ماڻهو شهرن مان آيا آهن. ٻڌو اٿن تہ هڪ آشرم آهہ، جنهن ۾ رشيءَ جي سکيا ملي ٿي. چون ٿا :- "اسين بہ اُت وڃي ڪجهہ فائدو وٺون."

پنڌ ڪري پري پري شهرن ڪان اچن ٿا ۽ اچي رشيءَ جي چرنن ۾ وهن ٿا. سر جهڪائي وينتي ڪن ٿا :- "سائين ! پري کان اسين آيا آهيون. گرديو ! سکيا ڏيو !"

رشي ڇا ٿو ڪري ؟ رشيءَ جي ڪمل مکڙي ڏي ماڻهو پيا نهارين. رشيءَ جون اکيون پيون چمڪن. هن رشيءَ جي مکہ ۾ ڇا هو ! اِڪ جوت، اِڪ عجيب روشني پئي رشيءَ جي اکين ۾ چمڪي ! تن ڏينهن ۾ گهڻو ڪين ڳالهائيندا هئا. پورو ، واجبي ڳالهائيندا هئا. اسان وانگر بڪوادي ڪين هئا. رشيءَ جي چرنن ۾ هي ماڻهو ويٺا آهن : پيا نهارين !

رشي چوي ٿو :- "پيارا ! توهين ڀلي آيا. وهو ، کير پيئو. ڀوڄن تيار ٿئي سو کائو. آرام وٺو. توهين گهرو ٿا سکيا ، سا بہ توهان کي ڏيڻ واسطي تيار آهيان. پر مان سکيا ڏيندس توهان کي هڪ اکر ۾ !"

هي ماڻهو چون ٿا :- "گرديو ! اِهو هڪ اکر ڪهڙو ؟"

رشي چوي ٿو :- "پيارا ! اهو هڪ اکر آهي 'د'".

اِئين چئي رشي ماٺ ۾ وڃي ٿو. هي ماڻهو هڪ ٻئي کي ملن ٿا ۽ چون ٿا :- "هي رشي تہ ڳالهائين ٻروليِن ۾. اسان لاءِ

اکر اوهان کي بہ ڏيان ٿو."

اِهي ماڻهو بہ سڀ گڏجي ويچار ڪن ٿا. هڪ ماڻهو چوي ٿو :- "رشيءَ ڳالهہ تہ سچي ڪئي آهہ. اسان جي جيون ۾ دغا آهہ، پاپ آهہ. اسين ڪيڏو نہ ظلم ڪريون ٿا ! جانورن کي قاسائي کين قتل ڪريون ٿا، تنهجو گوشت کائون ٿا : ننڍڙن ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي وچي هلاڪ ڪريون ٿا : اسان جي جيون ۾ ظلم آهہ. رشيءَ اسان کي سکيا پوري ڏني آهہ، - 'د' معنيٰ 'ديا ڪريو.' ڏاڍا خوش پيا ٿين تہ اڄ اسان کي پوري سکيا ملي آهہ. اڄ کان وٺي اسين ظلم کان پري رهنداسين، پنهنجي جيون ۾ ديا جا ديپڪ ٻارينداسين." رشيءَ جي آسيس وٺي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽن ٿا.

مان اوهان جي چرنن ۾ سر جهڪائي هيءَ وينتي ڪريان ٿو تہ ڏيئا ٻاريو ديا جا. دل دل جي گهر ۾ جوت جڳايو ديا جي، روشني کوليو ديا جي! ننڍڙا چمڪندڙ ڏيئڙا ٻاريو ديا جا : هڪ ٻئي جي شيوا ڪريو ديا جي ڀاوَ ۾ : هڪ ٻئي کي ملو پيار ۾ ۽ قرب ۾ (in the spirit of compassion and love). ديا درشٽي کوليو چو تہ منهنجا ڀائرو! منهنجون ڀينرون! دنيا ۾ ڏاڍو دکہ اَٿو : سو درکہ دور ڪريو! اوندهہ ۾ اَٿو ڪيترا لوڪ : اُن اوندهہ ۾ ديا جا ديپڪ، ڏيئڙا ٻاريو، ديا جي جوت جڳايو!

وساريندا سين. 'د' معنيٰ 'دان ڪريو.' اوهان اِهو اُپديش ڏنو :- 'دان ڪريو'."

رشي چوي ٿو :- "پيارا! توهان بيشڪ منهنجو اُپديش سمجهو." اِهو اِڪ سبق هڪ هڪ ماڻهو دل جي اندر ياد ڪري وڃي ٿو. شهر ۾ موٽي وڃن ٿا : شهر نئون ٿي پوي ٿو : شهر جي اندر اِڪ نئين شڪتي ڪلي ٿي : سڄي شهر اندر دان جي لهر وڏي ٿي : غريبن دکين جي شيوا ٿئي ٿي.

اِها خبر پوي ٿي ڪن ڪي؟ ڪي شهر جا ماڻهو آهن جن جو چولو اِنساني آهي، پر تن جا ڪرم ڏاڍا خراب آهن. ڪيترا ماڻهو اُتو جي ننڍن ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي ڪسي وڃن. ڪيترا اُتو جي ڪن کي وڃي کُهن. ڪيترا اُتو جن کي خوشي ٿئي ٿي ٻين تي ظلم ڪرڻ ۾. ڪيترا اتو جي وڃي سهٽيون ڇوڪريون، اِستريون ڦاسائين. اُنهن جي جيون ۾ ظلم آهي. اُنهن کي خبر پوي ٿي تہ فلاڻي آشرم ۾ ڪي ميل پري اِڪ پريوءَ جو پيارو آهي. چون ٿا تہ اسين بہ وڃون، وڃي اُن جي آسيس وٺون، سکيا وٺون.

ٻئي ڏينهن اچن ٿا ; اچي رشيءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي چون ٿا :- "سائين! اسان کي بہ سکيا ڏيو تہ اسين بہ پنهنجي جيون بهتر ڪريون."

رشي چوي ٿو :- "پيارا! توهين آيا، ڀلي آيا. هت رهو، کير پيئو، مانيءَ وقت ماني کائو، آرام ڪريو : پر اوهين گهرو ٿا سکيا، سا مان اوهان کي ڏيندس هڪ اکر ۾."

پڇن ٿا :- "سائين! سو اکر ڪهڙو؟"

رشي چوي ٿو :- "اُهو هڪ اکر 'د' ساڳيو اکر جو مون اُنهن ڀائرن کي ڏنو، جي اوهان کان اڳي مون وٽ آيا. ساڳيو

ڪي ناهيان. مون ڪي هلٽو آهي ضرور، بنگلو ڇڏٽو اٿم ضرور: ڪٽن پاڻ ڪي ٺاهيان؟"

ٻئي ڏينهن اِڪ ستسنگ ٿئي ٿو. هي شاهوڪار هن ڪان اڳي ستسنگ ۾ ڪين ويندو هو. اڪثر جن ڪي ڌن دولت آهي، تن جي رچي پريو سان ڪونهي. هن ستسنگ ۾ هي پيارو ڪنڊ ۾ اچي وهي ٿو. لوڪ پيا هن ڏي نهارين. ڪيس ڪيترا سجاڻن. ڇا ٿا ڏسن؟ هنجي اکين ۾ ڳوڙها! ماڻهن کي عجب! ڇا ٿيو آهي؟ هن جي دل ڪي لڳي آهي چوٽ. ستسنگ ۾ اِڪ اُپديش ٿيو آهي، جنهن ۾ ستسنگ جي ياءَ چيو آهي:- "ياٿرو ۽ ڀينرون! دلگير نہ ٿيو! ڪنجي اوهان جي هٿن ۾ آهي." اِهي اکر ٻڌي ٿو، زارون زار روئي ٿو.

اُن رات گهر وڃي ويچار ڪري ٿو. بيشڪ! ڪنجي منهنجي هٿ ۾ آهي! منهنجو ناڪر، منهنجو پريتم، منهنجو محبوب تہ در تي بيٺو آهي! مان در نٿو کوليان: پر ڪنجي تہ منهنجي هٿ ۾ آهي. منهنجو سائين سياري جي سيءَ ۾ اچي در تي بيهي هليو وڃي. برسات پوي، منهنجو پريتم مينهن سهي؛ بيهي بيهي هليو وڃي. شاهوڪار چوي ٿو:- "افسوس! مون ڇا ڪيو آهي؟ ڪيترا نہ اپراڌ ڪيا اٿم! منهنجو ناڪر اچي ۽ مان در ڪوليان ئي ڪين! اڄ رات اِئين ڪين ٿيندو."

اُن رات وڃي دروازو کولي ٿو. اڙي! شيام تہ در تي بيٺو آهي. هي شاهوڪار چويٿو:- "شيام! شيام! شيام! ڏي مون کي تون معافي! پڇتاءَ منهنجو ڪونهي ڪافي! شيام پيارا! منهنجي ڪوٺيءَ ۾ اچ تون!"

هي ماڻهو موٽي ٿو: اوڏيءَ مهل رات جو ڪيرتن ڪري

(٧)

نوجيون جي ڪنجي

هڪڙو ماڻهو شاهوڪار هو. اِڪ جڳهه ٺهرايائين،- نئون بنگلو! ڪئن نه پئي چمڪيو! نوان رنگ، ڦوهارا، مورتيون تصويرون. ڪٿان ڪٿان نه تصويرون گهرايائين! يونان جي ملڪ جون سندر تصويرون، ولايت جي ڪيترن ملڪن مان مورتون گهرائي رکيائين. ۽ روز صبوح جو سويل اُٿي مورتن ڏي نهاري ۽ بنگلي ڏي نهاري چوي :- "ڪهڙو نه سندر بنگلو!" دوستن کي ڪوٺي پيو چوي :- "اچو! اچي ڏسو ته هي ڪهڙو نه سندر بنگلو ٺهرايو اٿم ۽ اِن تي ڪيترو نه خرچ ڪيو اٿم!"

اِڪ ڏينهن سنگمرمر جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ٿو. ويچاري جو پير کسڪي وڃي ٿو. ڌوڪ ڌوڪ، اچي ٿو هيٺ پوي. ويچارو ڪيترا ڏينهن بستري تي بيمار آهي. اُن بيماريءَ جي وقت هي سمجهي ٿو ته سڀ ڪجهه فاني آهي! ڪيس گيان اچي ٿو. پاڻ کي چوي ٿو :- "مان مورکه : هي بنگلو ته مون کي ڇڏڻو آهي ضرور : پوءِ ڇو نه مان پاڻ پريوءَ کي ڏيان؟"

بيماريءَ مان نئون ٿي اُٿي ٿو ۽ پنهنجي بنگلي تي هي اکر اُڪرائي ٿو :- "هلڻو ضرور! ڇڏڻو ضرور!" اِهو منتر روز روز پيو اُچاري. وڃي پنهنجي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ : دل ۾ پيو اُچاري :- "هلڻو ضرور! ڇڏڻو ضرور!"

هڪ ڏينهن رات جو ويٺو آهي: چويٿو :- "هاڻي مان پاڻ

(٨)

فقير اَرجن

هڪ سچي فقير جي يادگيري منهنجي دل اندر اُٿي ٿي. اڪثر هن کي ڪوٺين گرو ارجن ديو : پر مان هن کي وقت بہ وقت ڪوٺيان "فقير" ارجن. گرو ارجن ديو پيار جي تصوير هو ، محبت جو انسان هو ! هن ٻين کي محبت ڏني ، ڇو تہ هن پياري جي دل پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ رهي : ۽ پريوءَ جو درشن هن سين ۾ پاتو !

اَسان مان هڪ هڪ جيڪر محبت ۽ پيار ۾ وڌڻ جي ڪوشش ڪري. تنهنڪري مان ٻڌايانوَ تہ ڇا ڪريو ؟ محبت ۾ وڌو تنهنڪري ٿورو ڳالهايو ۽ ٿورو ڪائو ۽ ٿورو سمهو. ڪجهہ وقت سانت کي ڏيو. سانت ۾ ويهي ويچار ڪريو : ۽ نام لاءِ محبت رکو. روز روز ڪيرتن ڪريو ! سچي ست سنگ جو بنياد اَٿو ڪيرتن.

"سَيت ٻچار پرينءَ جي ، سَيت هوت حضور."

سين ۾ ٻچار ، يادگيري رکو هڪ سائينءَ واسطي : ۽ سين ۾ صورت ڏسو اِڪ سائينءَ جي.

فقير اَرجن جي ڏينهن ۾ پري پري کان ياتري ايندا هئا درشن واسطي. ڪابل مان ، قنڌار مان ۽ ٻين ڪيترن شهرن مان تيرٿواسي آيا ٿي گروجن جي درشن واسطي! پر هن فقير جي هلت ڪهڙي ؟

پنهنجي اِستري ، ماتا گنگا کي اَرجن پيارو چوي :-

ٿو :- "شيام! شيام! شيام! شيام! شيام! شيام!" ڪيرتن ڪري ٿو ۽ ڳوڙها ڳاڙي ٿو.

ٻيو ڏينهن ٿئي ٿو. ڇا ٿو ڪري؟ ٻئي ڏينهن دل جي اندر پڪو اِرادو ٿو ڪري تہ (۱) مان ڪمائي[4] مان هيترو حصو غريبن دکين جي شيوا ۾ ڏيندس. (۲) ٻيو اِرادو ڪري ٿو تہ اڄ ڏينهن ڪان وٺي مان شيءِ ڪم ڪندس، ڪوڙ ڪان پري رهندس، ڪنن ڪمن ڪان پري رهندس.

ٿوري وقت ۾ هي شاهوڪار نئون ٿي پويٿو. سيئي پيا چون :- "هي عجيب اِنسان : هن تي ٿيو آهہ احسان!" شل اهڙو مون تي احسان ٿئي! اوهان مان هڪ هڪ تي ٿئي! اسان جي جيون بہ نئين ٿي پوي!

نندڙي ٽڪر جو ترجمو مون هن طرح ڪيو آهي :-

"ڌن گرو نانڪ نرمل نماڻو ،
امرڌام عجيبن جو راڻو !
گرو ارجن سياڳو ، صدق جنهن جي دل ۾ ،
ڌن ماتا ، سندس سونهن شيوا جي گل ۾ !"

گرو نانڪ ديو جن ڌن آهن ، جي نمرتا جا روپ آهن. هت آيا آهن نماڻا ٿي ، پر آهن روحاني دنيا ۾ راڻا. گرو ارجن ديو سياڳا آهن ، جن جي دل اندر عجيب صدق آهي ! ۽ گنگا ماتا ڪٿي اچي ٿي اسان لئہ شيوا جو گل. ڌن ماتا ! ڌن گرو اَرجن ديو ! ڌن گرو نانڪ ديو ! عجيب نظارو ! مان تہ فقط ان نظاري جو ذڪر پيو پڙهان ۽ پڙهي پيو چوان :- "اُنهن ياترين ۾ جيڪر مان بہ هجان ها ۽ هجان ها گروجن جي حضور ۾ !"

گروجن جو مندر ، امرتسر ، هري مندر هينئر تيار ٿيو آهي. پري پري کان ماڻهو اچن ٿا درشن واسطي. اَڪبر بادشاهہ کي بہ خبر پوي ٿي. اڪبر بادشاهہ عجيب اِنسان هو. اُن جو ذڪر نہ توهان سان وستار ۾ ڪريان تہ مان سمجهان ٿو تہ جيڪر روئڻ ۾ اچي ڇيتڪان. بادشاهہ هو ، پر فقيرن ۽ سنتن ۽ گئو رڪشا لاءِ ڪيس پيار هو. گئو ڪوس هن بند ڪرايو. هندن سان هنجي هلت عجيب ٿي ! محبت ۽ اِنصاف جي هلت هندن سان هنجي هئي.

ڪيس خبر پوي ٿي. درشن ڪرڻ واسطي اچي ٿو هي بادشاهہ : هنکي فقيرن واسطي نہ فقط قرب هو ، پر شرڌا هئي. فقيرن وٽ اچي پاڻيهي. ائين نہ چوي تہ "مان هندستان جو بادشاهہ آهيان. فقير چونڊا مونوٽ اچن ؟" پر پاڻ فقيرن ۽ سنتن وٽ وڃي ٿو. ڇا ٿو ڪري ؟ اوهان کي خبر آهي يا نہ ؟

"پياري! روز ڪي نہ ڪي، ڪنهن نہ ڪنهن شهر مان اچن ٿا اسانجا مزمان ٿي. منهنجي پياري! انهن واسطي ماني پچاءِ."

ماتا گنگا ڪيڏي نہ قرب ۾ ماني پچائي ۽ هڪ ياجي ناهي! ڪڏهن هيءَ، ڪڏهن هوءَ. ماتا گنگا ڪي مانيون ۽ ياجي اِڪ ٽوڪريءَ ۾ رکي، گروجن ڪي چوي :- "پيارا! هينئر سڀ شيءَ تيار آهي."

فقير ارجن چوي :- "پياري! هينئر اچ تہ هلون : هلي اِنهن پيارن جو آدرستڪار ڪريون." اسان مان ڪيترا چئون :- "هي لوڪ اچن ٿا اسان ڪي ملڻ : اسين ڇو تن ڪي وٺڻ وجون؟" هي فقير چوي :- "پياري! هل تہ هلي پيارن جي آسيس، قرب ۽ پيار وٺون."

هن فقير جي پوشاڪ ڪهڙي؟ جڏهن اچي ملي ٿو پيارن شش ڪي، هن فقير جي پوشاڪ اِڪ ڪڙميءَ جي پوشاڪ. پوءِ گنگا ماتا سان پنڌ ڪري ٿو. ڪئن ٿو هلي؟ ننگا پير. گرو ارجن ديو ڪيترن جو نہ گرو آهي! ڪيترن ڪي نہ هن واسطي شرڌا آهي! پرڀوءَ جي ديا سان هنکي سڀ ڪڇ آهي. پر ننگا پير ڪري پنڌ ڪري ٿو.

ڪٿي اچي ٿو ڪين ملي؟ امرتسر شهر ۾ هن پياري هري مندر ٺهرايو آهي. امرتسر شهر ڪان ٻاهر اچي هنن ياترين ڪي ملي ٿو. پوءِ هنن سان گڏجي امرتسر شهر ۾ اچي ٿو. ڪيڏي نہ نمرتا! گرو ارجن ديو نماڻا!

ياتري ڪئن پيا اچن؟ ياتري "ست نام، ست نام" چوندا، پنڌ ڪري پيا اچن، ڇو تہ گروجن جا سچا شش آهن. ڪڏهن ياتري شري جپ صاحب مان ٻاڻي پيا پڙهن! هي ياتري بہ عجيب آهن! سڀ ڪي نہ ڪي گيت پيا ڳائين. اِڪ گيت جي

جن جي جيون ۾ پيار آهي، تن جي اکين ۾ پيئي چمڪي، جوت جاڳي، روشني ٻري. تن سياڻن جي اکين ۾ اسرار آهي!

جيون ۾ پيار رکو ۽ هڪ ٻئي کي پيار ڏيو ۽ ڳالهايو ٿورو، پر جيڪي ڳالهايو سو پيار ۾. ڪائو ٿورو ۽ ننڊ ٿوري ڪريو، پر جيڪو وقت ويچار ۾ هجو، اُن وقت ڏسو تہ توهان جي جيون ۾ پيار چمڪي! پريوءَ کي پائڻ جو رستو بحث مباحثو ڪونهي. پريوءَ کي پائين سي جن کي سانت واسطي قرب، جنجي وهنوار ۾، ڪم ڪار ۾، روز بروز جي جيون ۾ پيار آهي.

هڪ سنڌ جو فقير، جنهن کي مان ڏاڍو پائنيندو آهيان: اِهو روهڙيءَ جو فقير هڪ هنڌ پنهنجي ٻاٽيءَ ۾ چوي ٿو:-

نال دليل نہ ليسي دلبر،
عقل نہ ٿيسي اوڏهين رهبر.

دلبر کي، پنهنجي پريوءَ کي دليلبازيءَ سان نہ لهي سگهندين. سائينءَ کي ملڻ واسطي عقل رهبر ڪين آهي. پر پيار کپي، محبت کپي، سڪ کپي سائينءَ واسطي! شل منهنجي دل جي اندر بہ پيار وڌندو رهي! شل اسانجي جيون ۾ بہ پيار چمڪي، چمڪي، چمڪندو رهي!

جيڪر نہ وساريو هيءُ ڳالهہ تہ اڪبر دنيا جي بادشاهن مان هڪ وڏو بادشاهہ، سنڌي هو. امر ڪوٽ ۾ هن پياري جو جنم ٿيو.

هينئر اڪبر بادشاهہ اچي ٿو امرتسر ۾. ۽ اچي گروجن جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو. گرو ارجن ديو ڪيڏي نہ قرب سان هن پياري کي ملن ٿا! فقير ارجن بادشاهہ کي چويٿو :-

"سائين! ڀلي آيا! ڪرپا ڪري وهو!"

اڪبر بادشاهہ کي قرب ۾ وهاري ٿو. پوءِ گرو ارجن پڇي ٿو سوال :- "سائين! اوهانجو حڪم! اوهين تڪليف وٺي هت آيا آهيو. ڪيڏي نہ ڪرپا اوهان ڪئي آهي! اوهان جو حڪم ڪهڙو ؟"

اڪبر فقير کي چوي ٿو :- "اءُ سنت سچا! مان آيو آهيان اوهان وٽ دل جي اندر هڪ پياس پائي."

"ڪهڙي پياس ؟" فقير ارجن پڇي ٿو.

تڏهن اڪبر چوي ٿو :- "سائين! پياس هيءُ اٿم تہ مون کي ٻڌايو تہ خدا کي ڪئن ملان ؟ پريوءُ کي ڪئن پايان ؟"

تڏهن گرو ارجن ديو چون ٿا :- "پيارا! سائينءُ کي توهين ڪئن پايو ؟ سائينءُ کي پائڻ واسطي بحث نہ کپي، عقل نہ کپي."

"تڏهن سائين! ڇا کپي ؟"

تڏهن گروجن ٻہ سٽون چون ٿا جي سنڌي اکرن ۾ مون هن طرح ترجمو ڪيون آهن :-

"قبول قدمن ۾ سي، جن جي جيون پيار آهہ،

سي سياڳا، تن جي نيڻن ۾ اِسرار آهہ!"

پيارا! جن جي جيون ۾ پيار آهي، سي سائين در قبول!

اُنهيءَ جي ڪلهن تي بار آهي. وديا ساگر جي دل ۾ درد ٿيئي ٿو ۽ پاڻ ڪي چوي ٿو :- "هي ويچارو غريب، بڪايل ڏتريل مزور، ايڏو بار ڪيئن کڻي سگهندو ؟" هاڻي وديا ساگر هن مزور جي نزديڪ وڃي چويس ٿو :-

وديا ساگر :- ڪٿي ٿو وڃين ؟

مزور :- پنهنجي گهر.

وديا ساگر :- هتان گهڻو پري آهي ؟

مزور :- ڪي ميل.

وديا ساگر :- توتي گهڻو بار آهي. مونکي ڏي تہ مان کڻي تنهنجي گهر پهچايان.

مزور نٿو سمجهي تہ هي ڪو وڏو ماڻهو آهي. وديا ساگر پوشاڪ ۾ ڏاڍو سادو هو. مزور ائين پيو سمجهي تہ هي بہ هڪ غريب ڳوناٺو آهي. مزور پنهنجن ڪلهن تان بار لاهي وديا ساگر جي سر تي رکي ٿو. وديا ساگر خوشيءَ سان سڄو پنڌ بار کڻي ٿو ۽ مزور جي گهر جيئن بار لاهي رکي ٿو، تيئن مزور کي هڪ رپيو بہ ڏئي ٿو ۽ اُن جي آسيس وٺي پنهنجي مڪان موٽي ٿو !

سياڳا سي جي غريبن، دکين جو بار پاڻ تي کڻن. جي بار کڻن، سيئي سچا پائر !

✲

ساڌو هيرانند

هڪ انگريز بيمار ٿي پوي ٿو. بيماريءَ جي بستري تي کيس هڪ خط پهچي ٿو. اُنهيءَ خط ۾ هڪ هندستانيءَ هن

(٩)

مسڪينن جا متر
ساڌو نولراءِ

هڪ غريب ماڻهوءَ جي نياڻيءَ جو مڱڻو ٿيو. شاديءَ جو ڏينهن نزديڪ آيو. ويچاري کي پئسو ئي ڪونہ هو. سندس دل ۾ چنتا وڌندي ويئي، روز بروز پئي پرارٿنا ڪيائين :- "هي پريو ! نرآڌار جو آڌار تون! نربل جو بل تون! پت رکجانءِ ! شرن پئي جو ننگ رکجانءِ !"

هڪ شيوڪ کي خبر پوي ٿي. غريب جي گهر پرسان بيهي، دريءَ منجهان نوٽن جو جهڳٽو غريب جي گهر اُڇلائي ٿو. غريب کي خبر بہ ڪانہ تہ اِهي نوٽ ڪنهن اُڇلايا ؟ مالڪ مهربان مسڪين جي لاڄ رکي !

سچو شيوڪ هميشہ چوي تہ "شل مان لڪل رهان!" اِنهي شيوڪ جو نالو ساڌو نولراءِ !

✲

اِيشور چندر وديا ساگر

ڪلڪتي ۾ هڪ مهاپرش جاڳيو : ڪيس وڏو عهدو هو ; سادگيءَ جي مورت هو. ڌن دولت هوس، نماڻو هو، برهمڻ ڪل ۾ سندس جنم ٿيو، غريبن جو خادم ٿيو. اِنهيءَ پرسڌ پرش جو نالو اِيشور چندر وديا ساگر هو. هڪ ڏينهن گهمڻ وڃي ٿو. رستي تي ڏسي ٿو تہ هڪ ويچارو مزور آهي ;

ڪشمڪشا ٿي. هن پريزيڊنٽ جي دل ۾ ڏاڍو درد هو پنهنجي ديش لاءِ. هڪ ڏينهن ڪوٺيءَ جو دروازو پائي سڏڪا ڀري پرارٿنا ڪيائين :- "مالڪ مهربان! هي ملڪ منهنجو نہ آهہ: هي ملڪ تنهنجو آهہ! هاڻي پنهنجي رکج!" جنگ جي ميدان ۾ سندس سينا کي سوڀ ملي. پوءِ هن اعلان ڪيو ۽ غلاميءَ جي ظلم کي هن بند ڪيو.

سچو شيوڪ سمجهي ٿو تہ "منهنجو ڪجهہ بہ نہ آهہ. سڀ ڪجهہ سائينءَ ستگروءَ جو آهہ!" اِنهيءَ شيوڪ جو نالو عالم آشڪار آهہ. آميريڪا ۾ سندس ورسي وڏي اُتساهہ سان ملهائيندا آهن. سندس نالو :- اِبراهيم لنڪن!

گوري کي لکي ٿو تہ "مون کي توهان جي بيماريءَ جو ہڌي دکہ ٿيو آهہ. توهين اکيلا آهيو. توهانجي ڪجهہ شيوا ڪري سگهان تہ خوش ٿيندس." اِهو هندستاني اِنهيءَ انگريز جو ڪو زيردست ڪونہ هو ؛ نڪا ڪيس ڪا پئسي يا خطاب جي لوڙ هئي. وڏ گهراڻو ۾ ودوان هو.

سچي شيوا ڏسي نہ ذات نہ پات، نہ قوم نہ مذهب ؛ سچو شيوڪ سيني ۾ ڏسي هڪ صورت سلطان جي. اِنهيءَ شيوڪ جو نالو :- ساڌو هيرانند.

*

اِبراهيم لنڪن

هڪ نوجوان هو. سندس ابا ڏاڏا اِنگلستان مان آيا، اچي آميريڪا جي رهاڪن کي غلام ڪيائون. هڪ ڏينهن هن نوجوان پاڻ کي چيو :- "جي مون کي ڪنهن بہ وقت وجهہ مليو تہ مان هي غلاميءَ جو ظلم ضرور بند ڪندس."

مالڪ مهربان هن ماڻهوءَ کي وڏو عهدو ڏنو. راجا جي پدويءَ جهڙو عهدو. آميريڪا ۾ پرجا جو راڄ آهہ. هن ماڻهوءَ کي آميريڪا جو پريزيڊنٽ ڪري چونڊيائون. ڪيس انجام ياد آيو تہ "غلاميءَ جو ظلم ضرور بند ڪندس." ڪيترن ڪيس چيو تہ "اِئين نہ ڪريو ! وڳوڙ ٿيندو !" پر هيءُ اِنسان ٻڄڻ جهڙو نہ هو. سچ تہ بينو نچ. سائينءَ جي شيوا، تہ پوءِ بندي جي ڪهڙي پرواهہ ؟ ڪيترا ماڻهو سندس برخلاف ٿي بينا. ٻہ ڌريون ٿيون. هڪ سندس پاسو ورتو ؛ ٻي سندس برخلاف ٿي. ڌرين جي وچ ۾ تڪرار ٿيا. نيٺ جنگ لڳي،- سخت جنگ. خبر ئي نہ ٿي پيئي تہ ڪير ڪٽي ؟ هڪ ڏينهن جنگ جي ميدان ۾ گهٽي

آهي Manners maketh man. فضيلت ئي ماڻهوءَ کي ٺاهي ٿي. ولايت ۾ هڪ مکيه يونيورسٽي آهي، جنهنکي سڏين آڪسفورڊ يونيورسٽي. اُتي جدا جدا ملڪن مان شاگرد وديا وٺڻ لاءِ اچن ٿا. اُتي وڏا وڏا پروفيسر آهن. توهان ڪان جيڪر ڪو سوال پڇي ته "وديا ڇا جي واسطي وٺو ٿا؟" توهين چوندا ته "ڪتابن پڙهڻ واسطي، امتحانن پاس ڪرڻ واسطي." پر آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ چوندا آهن ته شاگردن کي وديا ڏجي ٿي ته هو جينٽل مين (Gentlemen) ٿين. توهين اهو اکر جينٽل من پنهنجي نموني ڪم آڻيندا آهيو. هڪ ڇوڪرو وئڪيشن ۾ جڏهن حيدرآباد آيو تڏهن اُبي ۾ پيو نهاري. ڇي "مان ٿو ڪاوان ڪڇڻي؟ مان آمليٽ ڪائيندس، مان ڪاليج مان جينٽل مئن ٿي آيو آهيان!" بوٽ سوٽ پائي وري وري منهن پيو آرسيءَ ۾ ڏسي. شام جو گهمڻ نڪري ٿو. لڪڻ وجي ڦيرائيندو ۽ لڪڻ وجي ٿو لڳي هڪ باڪريءَ کي. باڪري دانهن ڪري ٿو. ڇوڪر چوي ٿو ته "مان آهيان جينٽل مئن!"

اسان وٽ شاگرد جڏهن اِسڪول مان موٽن تڏهن گهرن ۾ الائي ڪئن پيا هلن. ماءُ سان پيا کهڙو پون. سچو "جينٽل مئن" سو جو فضيلت ڄاڻي. شاگرد پنهنجن مائٽن، ماسترن ۽ بزرگن لاءِ عزت ڌارين ٿا. اسان وٽ ماسترن تي شاگرد پيا کلن. اها فضيلت ناهي ته ماستر جي برخلاف ويهي کلجي. ۽ وديا جو مطلب ڪونهي ته توهين بوٽ سوٽ پائي لڪڻ کڻي وڃي غريبن کي ماريو. مان جڏهين ولايت ويس تڏهين اُتي مون وڏا وڏا ودوان، هوشيار پروفيسر ۽ فيلسوف ڏٺا. انهن ۾ ڏاڍي نئڙت هئي. منجهن ٻاهريون ڏيکه ويکه ڪونه هو. ڪيڏي نه قرب سان ڳالهائيندا هئا! سندن پوشاڪ سادي.

(١٠)

سچي وديا

٣ گڻ : فضيلت : ڪثرت : اِنسانيت

(سکر ائڪيڊمي جي شاگردن ڪي تقرير)

منهنجا پيارا وديارٿيو ! مان ڏسان ٿو تہ توهين ڏاڍا خوش ٿيا آهيو ۽ توهان جي دل چاهي ٿي تہ وري وري پيا تاڙيون وڄايو ! تاڙين وڄائڻ مهل توهانجا منهن پئي چمڪيا. مان بہ ڏاڍو خوش آهيان ; ۽ ننڍن ٻارن ڪي ملي مان خوش ٿيندو آهيان. مونڪي پنهنجي گوروءَ وٽان سکيا مليل آهہ تہ "ننڍا ٻار پريوءَ جي نزديڪ آهن." اوهين پريوءَ جي نزديڪ آهيو ; تنهن ڪري مونڪي آسيس ڏيو !

مان چاهيانٿو تہ شاگردن ڪي سندر جڳهہ ۾ سکيا ملي. هڪ هڪ اِسڪول جيڪر باغ ۾ هجي. توهين گل آهيو گلستان جا. مان چوندو آهيان تہ سکيا اُتي ملي جتي قدرت جو نظارو سندر هجي. شل هي سڪول هڪ ڏينهن وڏي ۽ توهانکي هڪ سندر عمارت ملي باغ ۾ ! هن وقت توهانکي باغ ڪونهي ; تڏهين بہ توهين پشپن وانگر چمڪي سگهو ٿا : سو ڪئن ؟ شاسترن ۾ لکيل آهي تہ وديا آهي روشني. شل توهانکي سچي روشني ملي ۽ شل توهين چمڪو جئن گل ٿا چمڪن چمن ۾ ! سچي وديا اٿو ٽن گڻن ۾ :-

(١) پهرئين گڻ جو نالو آهي فضيلت(Manners). سچي وديا اُها جا فضيلت ٿي سيکاري. انگريزيءَ ۾ پهاڪو

پنهنجي ملڪ لاءِ ڪيس ڪيڏي نہ محبت هئي! هن گهڻو ئي ملڪ لاءِ سئو. جڏهين هنڪي پريزيڊنٽ چونڊيائون تڏهن چيائين تہ مان ملڪ ڪي ٺاهيندس. هن جو وشواس هو تہ ملڪ ٺاهڻ لاءِ شاگردن کي خوب ڪٿرتون سيکاريو. هن ماڻهوءَ ڪٿرتن جا وڏا وڏا جلسا ڪيا. اِنهيءَ ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهہ پريگہ (Prague). اِتي راندين جون چٽاپيٽيون ٿين ٿيون. لکين ماڻهو اچن ٿا. ڪٿرت ۾ شاگرد چڱو بهرو وٺن ٿا. ڪٿرت انهيءَ ملڪ ڪي ٺاهيو آهي. توهين بہ ڪٿرتون ڪري پنهنجا سرير مضبوط ڪريو.

(٣) ٽيون گڻ اٿو اِنسانيت :- وديا اها جا انسانيت سيکاري، شيوا سيکاري. سچو وديارٿي سو جو چوي تہ مان وديا وٺي ملڪ جي شيوا ڪريان. سوارٿ، خود مطلبيءَ کان پري رهو. هڪ ڏينهن شاگردن جي راندين جو جلسو ٿئي ٿو. هڪ غريب شاگرد آهي؛ ويچاري جا ڪپڙا ميرا. ڪيس هڪ شاهوڪار ڏسي ٿو ۽ دل ۾ چوي ٿو تہ هي شاگرد راندين ۾ هوشيار آهي پر غريب ڏسجي ٿو. هنڪان حال احوال وٺي ٿو. ڪيس هڪ ماتا آهي. هوُ جهوپڙيءَ ۾ رهن ٿا. شاهوڪار پڇيس ٿو تہ "ميوو ڪائيندو آهين؟ ڪڏهين ِصوف ڪاڌو اٿيئي؟" شاگرد چوي ٿو تہ "مهنو ڪن ٿيو تہ اميءَ صوف ڏنو هو." شاهوڪار هڪ صوف ڪيسي مان ڪڍي ڏئيس ٿو ۽ چويس ٿو تہ "هي ڪائي مون تي آسيس ڪر." چوڪر وري وري پيو صوف کي ڏسي : تہ هڪ دوست چويس ٿو تہ "صوف چو نہ ٿو ڪائين؟" چوي ٿو تہ اميءَ مونکي هي سبق سيکاريو آهي تہ "ونڊ ڪاءِ، سڪہ پاءِ." مان اَڪيلو نہ ڪائيندس. پوءِ صوف جون قاڙون ڪري بين کي ڏئي ٿو ۽ پاڻ بہ هڪ قاڙ ڪائي ٿو.

آڪسفورڊ ۾ هڪ ڪاليج جو پرنسيپال ايسلن ڪارپينٽر (Eslin Carpenter) مون کي مليو. ڪيتري نه منجهس نئڙت! سندس قرب ڏسي مان ته شرمندو پئي ٿيس. پر هتي مون ڏٺو آهي ته ڇوڪر ڪونيءَ ۾ هجي ۽ بزرگ اندر اچي ته پاڻ شاگرد ڪرسيءَ تي بالم بٽيو ويٺو رهي. اسان وٽ شاگرد مائٽن کي ۽ وڏن کي ليکن ئي ڪين. هڪ شاگرد کي اِسڪول ۾ دير ٿي ويئي، هن ڪاڏو ئي ڪين. سندس پتا ويچارو ڪي شيون پٽ جي ڪاڻ واسطي ٿالهيءَ ۾ رکي مٿون ٽوال وجهي رسيس ۾ پٽ ڏانهن ڪٽي وجي ٿو. سندس ڇوڪر دروازي تي بيٺو آهي. ڇوڪر کي لڄ اچي ٿي ته ٻيا ڇوڪر پڇندا ته هي ڪير اٿيئي؟ هڪ ڇوڪر پڇيس ٿو ته "هي ڪير آهي؟" چوي ٿو ته "هي اسانجي گهر جو نفر آهي!" اِها فضيلت نه آهي. وري ڏسو جڏهين ماستر گهٽين مان لنگهي ٿو ته شاگرد هن سان پرنام به نٿا ڪن. ڪي ڇوڪر ته ماستر کي ڏسي نٽائي ويندا جڻ ته هنکي سڃاڻن ئي ڪين.

(٢) ٻيو گڻ اٿو ڪثرت :- مونکي خبر نه آهي ته هن اِسڪول ۾ راندين جو ڪهڙو بندوبست آهي. مان ماستر هجان ته جيڪر توهانکي خوب رانديون ڪرايان. مان جڏهين پرنسيپال هوس تڏهين ڇوڪرن سان وجي فوٽ بال راند ڪندو هوس. ڪثرت ڪرڻ هرهڪ جو فرض آهي. جيڪو شاگرد ڪثرت نٿو ڪري تنهن کي ماني کائڻ جو حق ڪونهي. جڏهين توهين وڏا ٿيندا تڏهين هڪ مشهور ماڻهوءَ جون ڳالهيون پڙهندا. سندس نالو هو مئٽرڪ (Masyric). هوُ تازو گذاري ويو ; پنهنجي ملڪ جو پريزيڊنٽ ٿيو. يورپ ۾ چوندا آهنُ ته هن جهڙو هوشيار راڄنيتي ڄاڻو ڪو ورلي ليندو.

(11)
نمرتا جي مورت

ولائت ۾ ڪيترائي پرسڌ شاعر ٿي گذريا آهن. شاعر ڪي سنسڪرت ۾ چون "ڪوي." انگريزيءَ ۾ شاعر ڪي چون Poet، ڪوي اُهو جو ڪوتا لکي، گيت لکي. ولايت جي هڪ پرسڌ ڪويءَ جي ڳالھہ آهي. هي هڪ وڏو ڪوي هو. سندس جنم اِنگلستان ۾ ٿيو. اُن وقت راڻي وڪٽوريا اِنگلنڊ جي تخت تي هئي. راڻي وڪٽوريا هن ڪويءَ ڪي ڏاڍو پيانئيندي هئي. سندس نالو هو ٽينيسن(Tennyson). جدا جدا ملڪن جا پرسڌ پرش ٽينيسن جي درشن لاءِ ايندا هئا. ٽينيسن نماڻو هو. سندس گيتن ۾ ڳوڙهو گيان آهہ. ڪيس پرڀوءَ وڏو درشن ڏنو : پر جئن وديا گهٽي تئن نمرتا گهٽي، اِهو آهہ اُصول اَصل ڪان. ٽينيسن نمرتا جي مورت هو.

هڪ دفعي جي ڳالھہ آهہ تہ ڪيس هڪ پرسڌ پرش ڏسڻ آيو. سندن وچ ۾ گفتگو هلي ۽ هي اِنسان لکي ٿو تہ "مان جڏهن ٽينيسن وٽ ويس، تڏهن مونکي چيائين تہ ماڻهو مونکي ڪي بہ سمجهن، پر مان تہ پاڻ کي پرڀوءَ جو هڪ ننڍو بالڪ ڪري ٿو سمجهان. هڪ نماڻو بالڪ آهيان ۽ روز روز پرڀوءَ جي چرنن ۾ مان هيءَ پرارٿنا ڪندو آهيان :-

"پرڀو ! مان تہ آهيان تنهنجو بالڪ !"

اِنسانيت جو گڻ اِهو اٿو تہ "ونڊ کاءِ، سک پاءِ." توهين بيشڪ وديا ونو، اِمتحان پاس ڪريو : پر جڏهين ڪمايو تڏهين شل اِهو سبق ياد رکو تہ "ونڊ کاءِ، سک پاءِ. سچي وديا آهہ شيوا."

شيوا لاءِ سندس ڳالهہ نٿو مڃي تہ هي پيارو وجي پريوءَ جي در پرارٿنا ڪري :- "پريو ! هن ياٽ ڪي سمت ڏي تہ غريبن جي شيوا ڪري!" اِئين ڪيترن لاءِ پرارٿنا ڪندو هو. ٻڌي تہ فلاڻي وڏوا ڪي ڪاڏو ڪونہ مليو آهي تہ پئسا ڪٽي وجي ۽ وڏوا ڪي ڪاڏو وٺي ڏي ۽ پوءِ وري اچي ڪنڊ ۾ پرارٿنا ڪري :- "پريو ! هن وڏوا ڪي سکي رکہ!" عهدن ڪان پري رهيو : چوندو هو تہ"عهدا پل وجي ٻيا ڪٽن : مان شل ايشور جو اِڪ اوزار ٿيان. نماڻي طرح شيوا ڪريان!"

هڪ دفعي هن پياري ڪان پڇيائون تہ "تنهنجي جيون جي ڳجهارت ڪهڙي آهي؟" هن چيو تہ منهنجي زندگي ٻڌل آهہ اِڪ پرارٿنا ۾ :- "پريوُ ! مونکي لکل ڪنڊ ۾ وهار !"

(١٢)
نماڻو شيوڪ

اِڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ رهيو ٿي. سانت ۾ سندس هڪ پتر هفتيوار نڪتو ٿي، جو هڪ لک ماڻهو پڙهندا هئا ۽ سندس ڳالهين جو ويچار ڪندا هئا. سادو هو ۽ نماڻو هو! ڪيترن ڪي نہ سندس لاءِ پيار هو! سال بسال سندس جنم دن ملهائڻ لاءِ وڏو پربنڌ ڪرڻ چاهيندا هئا : پر هي پيارو اِنهن ڳالهين ڪان پري : چوندو هو تہ "جنم ڏينهن مونکي پيغام نہ ڪپن!" ڪيس جنم ڏينهن ڪيترائي متر اچي پئسا ڏيندا هئا، جي غريبن جي شيوا ۾ خرچ ڪندو هو. سندس هفتي وار پترن مان بہ پئداش ٿيندي هئي، جنهن مان پنهنجي گهرجن لئہ ڪٽندو هو، بيو سمورو پئسو خرچ ڪندو هو غريبن جي شيوا ۾!

شام جو پنهنجي ننڍي ڪوٺيءَ مان نڪري پنڌ ڪرڻ ويندو هو. هن سمجهيو تہ پنڌ ڪرڻ، سرير ناهڻ ضروري آهہ! پر کهڙو نہ نماڻو! ڪيس ڪي ڪيڪارين تہ سر جهڪائي نہ تہ تہ پنهنجن ويچارن ۾ پورو.

ڪيترا ڏکيا سوال هن جي اڳيان ايندا هئا، - ملڪ کي سکي ڪرڻ جا سوال، وڏوائن کي سکي ڪرڻ جا سوال، غريبن کي سکي ڪرڻ جا سوال! اِهي سوال پاڻ سان کڻي هي پيارو وڃي هڪ ڪنڊ ۾ پرارٿنا ڪندو هو ۽ چوندو هو :- "پريو! مان هڪ ننڍو نماڻو شيوڪ: مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ اِڪ تونهين تون!" ڏسي تہ ميونسپالٽين جو پريزيڊنٽ غريبن جي

"منهنجا پريتم! اڄ سڀاڳي ڏينهڙي تنهنجو درشن نصيب ٿيو اٿم : هاڻ مان ڇا ڪريان تو واسطي ؟"

"شيام سندر چويس ٿو :- هي منهنجو سندر روپ ڏسي نہ پُلج : مونکي ڏاڍي تڪليف اٿيئي !"

ماڻهو :- تڪليف ڪهڙي ؟

شيام سندر :- مونکي رهڻ ڪاڻ مندر ڪونهي. مان پيو ڀٽڪان : مينهن پوي تہ منهنجي مٿان اَچي پاڻي پوي. سج نڪري تہ مون تي اچي گرمي ڪڙڪي. هاڻ مون لاءِ ڪو مندر ٺهراءِ.

ماڻهو :- پر پريتم! مونکي تہ پئسو ڪونہ آهي، پوءِ مان مندر ڪئن ٺهرايان ؟

شيام سندر :- پئسي جي گهرج ڪانہ آهہ؛ هڪ ٻي شيءِ کپي، هڪ خزانو.

ماڻهو :- ڪهڙي شيءِ ؟ ڪهڙو خزانو ؟

شيام سندر :- دل ۾ رکہ درد ۽ محبت غريبن مسڪينن واسطي. انهيءَ درد، محبت جي خزاني سان مندر ٺهراءِ منهنجي واسطي !

*

اهڙو مندر پنهنجن دلين اندر ٺاهيو ؛ تنهن لاءِ خزانو وٺو ! غريبن، مسڪينن لاءِ دل ۾ درد رکو ! اوهين پنهنجي اندر پريم جو مندر کوليو !

(١٣)
پريم جو مندر

هڪ ماڻهو هڪ ڳوٺ ۾ وڃي ٿو : ڪيس جهنگل مان لنگهڻو پوي ٿو. ٻہ ڏينهن ڪيس روٽي ڪانہ ملي آهي. ٽيون ڏينهن اَچي ٿيو آهہ. وڻ هيٺ ڪجهہ آرام ڪري ٿو. ڏاڍي بکہ لڳي اٿس. پريان هڪ ٻالڪ ڏسي ٿو، جنهنجي جسم ۾ عجيب جوت آهہ! گهڙيءَ گهڙيءَ پيو اُنهيءَ ٻالڪ ڏانهن نهاري. ٻالڪ جي سونهن ڏسي تپرس ۾ پوي ٿو ۽ ٻالڪ کي گهڻو پيار ڪري ٿو. پياس اَٿس تہ اُنهيءَ ٻالڪ جي ويجهو وڃان تہ من هوُ مونسان ٻہ ٽي اکر ڳالهائي. ٻالڪ جي ويجهو وڃي ٿو ۽ چويس ٿو :-

ماڻهو :- پيارا! مونکي خبر نہ آهہ تہ ڇو تنهنجي لاءِ ايڏو پيار اٿم : هاڻي مونسان ڪجهہ ڳالهاءِ تہ سهين!

ٻالڪ پيو مشڪي!

ماڻهو وري وري پيو چويس تہ" ڪجھ ڳالهاءِ تہ سهين!"

پر ٻالڪ وري وري پيو مشڪي. ماڻهو ڏاڍو دلگير ٿو ٿئي. تڏهين ٻالڪ چپن تي مرلي چاڙهي ٿو ۽ مرليءَ منجهان سندر راڳہ ڇڪي ٿو.

ماڻهو ٻنسري ٻڌي گد گد ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو :- "هي تہ شيام سندرُ آهي! منهنجي پڪار سڻي مون وٽ آيو آهہ!" تڏهين يڪدم شيام سندر جي ڪمل چرنن ۾ ڪِري پوي ٿو ۽ چويس ٿو :-

(۱۵)

پريم جي بتي

ٻڌ ديو جي جيون ۾ هڪ عجيب سونهن آهي. هڪ عجيب ڇڪ! راجڪمار آهي، پر ٻڪوُ، فقير ٿئي ٿو ٻين جي شيوا واسطي! محلات ڇڏي مسڪينن سان محبت رکي ٿو. تخت تياڳ ڪري، غريب، دين ٿي رهي ٿو.

هڪ دفعي محلات مان ٻاهر وڃي ٿو. چوي ٿو ته مان شهر ڏسان. چار نشانيون ڏسي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته دنيا فاني آهي، دنيا ۾ ڏک آهي.

اِهي چار نشانيون ڪهڙيون؟ رٿ ۾ چڙهيل آهي ته ڏسي ٿو :- (۱) هڪ ٻڍو ماڻهو ؛ (۲) هڪ بيمار ماڻهو ؛ (۳) هڪ مئل ماڻهو ؛ ۽ پڇي ٿو ته "اِئين تڏهن ٿيندو آهي ڇا ته ماڻهو ٻڍو ٿئي ٿو ۽ هڪ ڏينهن مري وڃي ٿو ؟" ۽ پوءِ وري ڏسي ٿو (۴) هڪ ساڌو، جنهنجي مک ۾ جوت پيئي ڀڪي. سمجهي ٿو ته ساڌوءَ ٻنان ٻيا سڀ ڏکي! دنيا جو ڏک ٻسندس دل اندر گهڙي وڃي ٿو. ڏک جي دوا ڪهڙي آهي؟ سک ڌام ڪٿي آهي؟ اِهي سوال پاڻ کان پڇي ٿو. ماڻهن جي حال تي ارمان ڪائي ٿو. بيشڪ ماڻهو ويٺا رانديون ڪن، - ڪي راند ڪن ٿا پئسي واسطي، ڪي عيش واسطي، ڪي مان شان اختياريءَ واسطي. اها راند ڪجهه وقت هلي ٿي : پوءِ؟ پوءِ مٿان موت اچي ٿو ڪڙڪي. خاڪ ۾ خاڪ، مٽيءَ ۾ مٽي، سڀ ملي وڃين ٿو.

تڏهن ڪو سک جو رستو ڪونهي؟ هي پريوءَ جو پيارو،

(١٤)
پوتر اِرادو

تازو هڪ ماڻهوءَ جو مرتيو ولايت ۾ ٿيو. جڏهن ڇوڪر هو تڏهن ڪيس وديا وٺڻ لاءِ ڏاڍي پياس هئي. پر غريب هو تنهن ڪري اِسڪول ڪان مٿي وديا وٺي نہ سگهيو.

ننڍي ئي هوندي وڃي دڪان تي ڪم ڪيائين. هڪ ڏينهن سانت ۾ دل اندر اِرادو ڪري ٿو تہ "مان موت ڪان اڳي منو لڪ ڪمائي غريب وديارٿين لاءِ ڇڏي ويندس تہ هوُ مون وانگر نراس نہ ٿين ۽ وڏيڪ وديا وٺن."

دڪان تي ڪم ڪندو رهي ٿو. سمجهہ سان هلي ٿو. خيال اٿس جيترو بچايان، اوترو چڱو. شادي نہ ٿو ڪري. سمجهي ٿو تہ شادي ڪندس تہ گهڻو پئسو گهر ٻار ۾ خرچ ٿي ويندو. ڪاڌي پيتي ۾ سادو ٿي رهي ٿو. مهني سر مهني وڃي ٿو بچائيندو. سندس ڏنڍي تي برڪت ٿئي ٿي. مرتيوءَ ڪان اڳ پنهنجي پگهر جي پورهئي مان اٽڪل ٩٠ هزار رپيا وديا لاءِ دان ۾ ارپڻ ڪري ٿو ۽ اِنهيءَ ڳالهہ جي خبر هينئر سندس موت ڪان پوءِ پيئي آهي.

بيشڪ اِهو ولائت جو ماڻهو سچو شيوڪ هو. اهڙن جي ضرورت سنڌ هند ڪي آهي!

پراچين يونان ۾ اِنهيءَ سکيا جو اثر ٿيو ۽ جڏهين يونان جي مشهور فيلسوف پيٿگورس (Pythagoras) ست سنگ جاري ڪيو ، تڏهين هڪ نيم ست سنگ جو هي هو تہ سڀ ست سنگي ماس کان پري رهن. ڪولمبس (Columbus) وجي آميريڪا (America) ڳولي، تنهن کان ڪيترين صديون اڳي ٻڌ ديو جا شش آميريڪا ويا ۽ وجي هن سنت جو پيغام پکيڙيائون.

اسانجي زماني ۾ ٻڌ ديو جو اثر ولائت جي وڏن وڏن ودوانن تي ٿيو آهي جئن تہ فاربش(Furebach)، شوپن هار (Schopenhauer) ۽ ايمرسن (Emerson). هن سنت جي سکيا جو اَثر سڄي دنيا تي آهہ.

سندس سکيا جو سار سندس پهرئين اُپديش ۽ سندس موڪلاڻيءَ جي اکرن ۾ آهہ. سندس پهريون اُپديش ڪاشيءَ ۾ ٿيو. اِنهي اُپديش ۾ سمجهايائين تہ "ڪرم ڦيٿو" ڇا آهہ؟ ماڻهن کي ٻڌايائين تہ "جهڙو ڪرم، اهڙي جيون. ٻاهريان ڪريا ڪرم اوهانکي ڪونہ بچائيندا. پوتر جيون جي ضرورت آهہ. حڪم اٽل آهي ۽ امر آهي. تنهنڪري شيءِ ڪرم جو ٻج پوکيو ! جهڙي پوکہ، تهڙو فصل." وري جڏهين ٻن وڻن جي وچ ۾ زمين تي ليٽيل آهہ ۽ سندس شش آنند زارون زار پيو روئي چاڪاڻ تہ سمجهي ٿو تہ هينئر منهنجو گرو، ٻڌ ديو، دنيا ڇڏي وڃي ٿو، تڏهين ٻڌ ديو پڇاڙيءَ جي موڪلاڻيءَ جي اکرن ۾ ڪهڙي سکيا ٿو ڏئي؟ پنهنجي پياري آنند کي چوي ٿو :- "هي آنند ! مون لاءِ ڳوڙها نہ ڳاڙ ! ڌرم جي بتي پختي پڪڙ !"

اها ڌرم جي بتي ڪهڙي آهہ؟ ٻڌ ديو اُنهي کي نالو

لکي لکي، آڌيءَ رات محلات ڇڏي ٿو، نگر ڇڏي ٿو. ڇو؟ پياس اٿس تہ دک جي دوا ڳولي موٽي اچي ماڻهن جا دک دور ڪريان. هن مهاپرش جي تياڳ ۾ پيار آهي. سور سختيون سهي ٿو ٻين جي واسطي.

ڇهہ سال ٻيلن ۾ ڌيان ڪري ٿو. تخت، محلات ۽ حڪمراني لالچائي نہ ٿا سگهن. هي چاهي ٿو تہ مان شيوڪ ٿيان، خادم ٿيان ۽ ٻين جي شيوا ۾ پاڻ ڪي خرچ ڪريان. سندس جنم وڻ هيٺ ٿيو. ڪيس گيان بہ وڻ هيٺ ملي ٿو. سالن جي تلاش ۽ تپسيا کان پوءِ ٻوڏي ورکہ (وڻ) جي هيٺ ڪيس گيان اچي ٿو، درشن ملي ٿو. ڪهڙو درشن؟ ڏسي ٿو تہ هڪ قانون آهي، هڪ حڪم ۽ جيستائين انهيءَ جي پيروي نہ ڪبي، اوستائين سک ڪونهي. اهو حڪم آهي شيوا ۽ اهو قانون آهي قرباني. جو ڪري پاڻ کي قربان، سوئي پائي پد نروان.

گيان کان پوءِ چوي ٿو تہ "مان ملڪن ۾ ويندس." ملڪ ملڪ ۾، نگر نگر ۾ وڃي ٿو ۽ شيوا ڌرم جو پرچار ڪري ٿو.

سندس پريم پارت جي ڪروڙن کي ڇڪي ٿو. ڳوٺن پٽيان ڳوٺ سندس مٿان ٻلهار وڃن ٿا. راجائون ۽ واپاري، شاهوڪار ۽ زميندار، غريب ۽ ڪنگال، چور ۽ ڌاڙو، مرد ۽ استريون سندس شيوا ڌرم اختيار ڪن ٿا. اختيار ڪن ٿيون. سندس پيار جي صدقي ڪيترا ماس کائڻ ڇڏين ٿا.

سندس پيار ڪئن نہ ملڪن ۾ پکڙجي ويو! سندس ناليءَ ۾ ڪهڙو جادو هو! اسپتالون کلي ويئون، نہ فقط ماڻهن جي شيوا لاءِ، پر جانورن جي شيوا لاءِ. ٻڌ ديو کي پسن ۽ پکين لاءِ گهڻو پيار هو. ٻڌ ديو جي سکيا جپان ملڪ کي نئين زندگي ڏني، چين ۾ انهيءَ سکيا هڪ نئين جيون آندي.

(١٦)
شيوا شڪتي

ضروري آهي تہ اسين وقت بہ وقت شيوڪن جو ويچار ڪريون تہ سمجهون تہ سچي شيوا ڇا آهہ؟ اڄ ڪلهہ شيوا اکر گهڻو ڪم ۾ اچي ٿو، پر اڪثر شيوا جي نالي ۾ اَسين ڪريون ٿا تڪرار.

شيوا ۾ هڪ جوت آهي، سائين جي رحم جي روشني. جنهن ۾ اها روشني چمڪي، اهو پاڻ ڏانهن پاڻيهي ٻين کي ٿو ڇڪي. شري رام ڪرشن پرمهنس چوندو هو :- "توهين ڇو ٿا ٻين جي پنيان پئو؟" شيوا جي سچي جوت رکو تہ ماڻهو پاڻيهي اچي اوهان کي وينتي ڪندا، منٿ ميڙ ڪندا. سچي شيوڪ کي ڪنهن بہ عهدي يا اَختياري لاءِ تمنا ڪانهي. ولايت جو هڪ رشي چوي ٿو :- "شيوا ڪريو ۽ پيار رکو!"

ولايت ۾ هڪ ماڻهو ٿي گذريو آهہ. اُن کي چوندا هئا ڀائو (The Brother). اُن جي جيون ۾ سچي شيوا جي جوت جاڳي. چيائونس :- "سائين! اوهان کي هيترا ووٽ ملي سگهندا. اوهين پارليمينٽ جي ميمبري لاءِ بيهو!" چيائين :- "شيوا جو ميدان مون لاءِ وڏو پيو آهي : پارليمينٽ ۾ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت؟" هوُ نماڻيءَ طرح شيوا ڪندو رهيو. چوندو هو تہ "مان چاهيان ٿو تہ غريبن مسڪينن جو خادم ٿيان." ڏسڻ ۾ سادو هو، پر ڪيس اٽڪل ڏيڍ لک رپيا هئا، جي هن غريبن جي شيوا ۾ خرچ ڪيا : ڪئن؟

ڏنو :- "مئتري، ديا". مان اڪثر چوندو آهيان پريم. پريم آهي ڌرم جي بتي. پريم سين جي واسطي، -غريبن دکين واسطي، گگدامن جانورن ۽ پکين واسطي. ٻڌ ديو ذات پات کان پري هو. ٻڌ ديو سيکاريو ته هرهڪ کي گيان ملي سگهي ٿو، پر هڪ شرط تي ته پريم جي بتي پختي پڪڙي.

پريم جي بتي نه وسايو، نه وجايو، پر پختي پڪڙيو، پختي پڪڙيو! طوفان اچن يا لهرون لڳن، پر پريم بتي نه ڇڏيو ، ۽ نه وسايو! اها پريم بتي ستگرو پنهنجن هٿن سان ٻاري آهي. نه وسايو! نه وجايو! اها پريم بتي اٿو سونهون سچيءَ راهه ڏانهن!

شهر وچي بگڙندو. اهڙي حالت ڏسي هن هڪ آدرشي اِسڪول جاري ڪيو.

(۵) سچي ڪم جو بنياد هن پرارٿنا ۾ رکيو. هڪ وڏو هال نهرايائين ته پينرون اچي ستسنگ ڪن.

ڪانئس پڇيائون :- "سائين! اوهين ڪيڏي نه شيوا ڪريو ٿا! اوهان جي شيوا جو سڏانت ڇا آهي؟" چيائين :- "(۱) شيوا ڪريو پيار ۾! نه هن ويچار سان ته اوهين ڪا مهرباني ٿا ڪريو! نه اِن واسطي ته اوهانجو نالو ٿئي. (۲) هميشهہ ڪل مکا رهو! مون ڏٺو آهي ڪئن نه ڪيترا چوندا آهن ته شيوا ٿا ڪريون؛ پر سندن منهن ۾ گهنڊ! بيءُ ڏر جي ماڻهن جي ويهي گلا ڪندا! پڇي سگهي ته جيڪر اسين ڪپ ۾ ڪاتيون به کٽون! اسانجي دلين اندر ايمان آهي. ڪل مکا ٿيو! مشڪلاتون اِينديون! ڪل مکا ٿيو ۽ وڏيڪ هي به ضروري آهي ته (۳) روز روز پرارٿنا ڪريو! ماڻهو پٿر هٽندا. جي ماڻهن ڪئي واهه واهه ته سمجهو ته اجان اوهان گهڻو اڳتي قدم کين ڪنيو آهي. شيوا جو قاعدو آهي پٿر سهڻ. سچي شيوا ۾ جو اڳتي هلي ٿو، سو ڏسي ٿو ته رستي تي پشپ نه آهن پر پٿر آهن. پرارٿنا ڪريو! سچو شيوڪ سو جنهنجي جيون ۾ پرارٿنا جي جوت جاڳي آهه! جڏهن مونکي چون ته "فلاڻو شيوڪ آهه،" تڏهن مان اڪثر پاڻ کان پڇندو آهيان :- "پرارٿنا ڪري ٿو يا نه؟" سچي شيوا جي شڪتي تن جي ٿي ڪلي، جي خدا جي در تي بيهن سوالي، خوديءُ کان ٿين خالي!

(١) آکاڙو کوليائين! هڪ وڏو(Gymnasium)، جتي نوجوانن اچي پنهنجي تندرستي ناهي. هڪ سبق جيڪر اسين سکون، سو هي ته اسين پنهنجي سرير جي شيوا ڪريون! صحت جي رکيا ڪريون! سرير کي پوتر رکو! سرير آهه مالڪ جو مندر. عيش عشرت کان پري رهو! سستيءَ کان پري رهو! نه پاڻ کي پوڳه ۾ اُڇلايو! هي سرير آهي امانت . اوهان کي حق ڪهڙو آهه جو سرير کي سڪايو يا پوڳه ۾ اُڇلايو ؟ سرير جي پوري سنڀال ڪيو!

(٢) هن ويچار ڪيو ته اِسترين جي پوري سنڀال نٿي ٿئي! اسان جو ڀينرون به ڪيترو نه وقت اجايو ٿيون وڃائين! اسين ڀينرن کي وجهه نٿا ڏيون ته ڪيئن پاڻ کي ڪمائتو ڪن. "ڀائوءَ" هڪ (Mother s' Hall) ڀينرن لاءِ ٺهرايو. اُت ڀينرن کي ڪوٺيائين ته اچي ستسنگ ڪريو، گيت ڳايو، سٺا پستڪ پڙهو. اِنتظام ڀينرن جي هٿن ۾ هو.

(٣) ٽيون ڪم ڀائو ڪيو وڏوائن واسطي. وڏوائون به ڪيتريون نه آهن! اَبلائون ويچاريون ڀيون پڪارين! ڪٿي آهن اُهي شيوڪ جي چون ته اسين انهن ابلائن جي شيوا ڪريون؟ وڏوائن لاءِ کاتو کوليو. ڪين ڪم ڏيو، روزگار ڏيو، وڏوائن کي لالچن کان بچايو. دشٽ، جي پراستريءَ جي پوترتا تي حملو ڪن ٿا، سي راڪاس آهن. شهرن ۾ اهڙا دشٽ آهن. انڪري وڏوائن جي آشرم جي ڏاڍي ضرورت آهي.

(٤) وڌيڪ ڀائوءَ ڇا ڪيو؟ ڏٺائين ته ڇوڪرا اِمتحان ته پاس ڪن ٿا، ڇوڪريون اِمتحان ته ڏين ٿيون، پر ملڪ جي حالت وڃي ٿي اُبتڙ ٿيندي. هن وقت شهرن جي به اهڙي حالت آهه: تعليم سچي ڪٿي آهه؟ تعليم جنن وڃي وڌندي، تنن

هڪ ڏينهن مئيرا ستسنگين سان وينو آهي، هڪ ستسنگي پڇي ٿو تہ "سبب ڪهڙو آهي جو هيءَ طاقت توهانکي ملي آهي؟ اوهين ٿورا اکر چئو ٿا، آسيس ڏيو ٿا تہ اسانجون تڪليفون دور ٿين ٿيون، سبب ڪهڙو ؟"

مئيرا :- اهو ڪٿو مهر جو منهنجي مالڪ کان مونکي مليو آهي.

ستسنگي : - ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ اُنجو اثر ڪئن ٿو ٿئي ؟

مئيرا :- جڏهن نہ مان ڪنهن کي بہ آسيس ڏيان ٿو، ڪنهن بيمار کي تڪليف وقت ملان ٿو، ان وقت مان دل جي اندر هڪ منتر چوندو آهيان.

ستسنگي :- اُهو ڪهڙو منتر ؟

مئيرا :- مان هڪ منتر چوندو آهيان. ماڻهن جي ميڙن ۾ وقت بہ وقت اهو منتر چوندو آهيان.

ست سنگي منتظر ٿين ٿا :- "سائين! ٻڌايو تہ ڪهڙو منتر ؟"

مئيرا چوي ٿو :- اهو منتر آهہ "اُٿ! جاڳ! ميري بيٽي!" اهو منتر شل اسين بہ ياد ڪريون! اسان جو نصل ڪهڙو ؟ وساري، وطن پنهنجو وساري ڪهڙي انڌ کوپ ۾ وينا آهيون؟ اُٿ! جاڳ! ميري بيٽي! درويش، پريوُ جا پيارا، اسان مان هڪ هڪ کي چون ٿا :- "اُٿ! جاڳ! ميري پياري!"

شل اهي اکر اوهانجي دلين ۾ گهنڊ وانگر وڄن :- "اُٿ! جاڳ! ميري بيٽي!"

(١٧)
آٿ ! جاڳ! ميري بيٽي!

مئيرا هڪ درويش ٿي گذريو آهي. اُن جو نالو ڪيترن کي ياد ڪونهي. مئيرا پريو جو هڪ پيارو هو. ڀارت جي رشين جو سنگ ڪيس مليو. هڪ مسلمان جي گهر ۾ سندس جنم ٿيو. رشين جي سنگ ۾ گوشت کائڻ ڇڏي ڏنو. جڏهن سرير نرمل ٿئي، تڏهن آتم شڪتي کلي. اوهان سيني کي شڪتيون آهن، لکل طاقتون، پر کلن، جي سرير نرمل ٿئي. آتم شڪتيءَ وارا ڪيڏو نه ڪم ڪري سگهن ٿا! اُهي بيمارن کي چڱائين ٿا ۽ دکين کي آسيس ڪن ٿا. مئيرا جي به اهڙي شڪتي کلي. ڪيترن مريضن کي نه هن چڱايو!

هڪ دفعي هڪ استري وٽس اُچي ٿي. سندس اکين تي پردا آهن. اُچي چوي ٿي :- "سائين! مونکي چڱاءِ." هڪ هڪ ڪان پهرين پڇندو هو ته "تنهنجو مون ۾ صدق آهي؟" ۽ جي اُهو چوندو هو "ها" ته هي پريوءَ جو پيارو چوندو هو :- "چڱ بيٽا!" يا "چڱ بيٽي!" هن استريءَ کان به پڇي ٿو ته "توکي مون ۾ پورن صدق آهه؟" اِستري چويس ٿي :- "ها! سائين!" مئيرا چويس ٿو ته "چڱ مائي!" پردا هٽي وڃن ٿا.

هڪ ٻئي موقعي تي هڪ ماڻهوءَ کي وٽس وٺي اُچن ٿا. هنکي تپ آهي. هوُ چوي ٿو :- "سائين! مون تي دیا ڪريو! دوا ڪاڏي ڪريان؟ دیا ڏيو!" مئيرا چويس ٿو :- "چڱ!" اِهو بيمار به چڱي ٿو!

گُل گُلستان جا

٣ رپيا

واسواڻي